ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمع 16 جنوري 2026ع 26 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (154)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آمريڪا ۽ اسرائيل جھڙين ٻاهرين قوتن جي جارحيت جو هر صورت ۾ جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: ايران

ايران تي حملي جون تياريون، آمريڪي فوج سرگرم، خطي ۾ هاءِ الرٽ، اسرائيل دفاعي شيلٽر کولي ڇڏيا

آمريڪا ايران تي جلد حملي لاءِ تياري ڪري ورتي، وچ اوڀر هڪ ٻيڙو ٻيهر شديد ڇڪتاڻ جي لپيٽ ۾ اچي ويو، ايران تي امڪاني حملي جا گھنڊ وڄي ويا

ايران هن وقت مڪمل طور هائبرڊ وار جو مقابلو ڪري رهيو آهي، جيڪو معيشت، سماجي، سياسي ۽ سائبر ميدان سميت ٻين محاذن تي مشتمل آهي: ايران فوج جو سربراهه

اسان ان جنگ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اعليٰ سطح تي تيار آهيون ۽ ايراني هٿياربند فوجون ڪنهن به قسم جي جارحيت جي خلاف متحد آهن: پاسداران انقلاب جي بري فورس جو ڪمانڊر

واشنگٽن/تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وچ اوڀر هڪ ٻيرو ٻيهر شديد ڇڪتاڻ جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي جتي ايران تي امڪاني حملي جا گھنڊ وڄي ويا آهن. ذريعن موجب ايران تي آمريڪا جلد حملو ڪرڻ وارو آهي جنهن لاءِ آمريڪا تياري ڪري ورتي آهي. ۽ آمريڪي حملي جي ڪاميابي لاءِ ڪارروائي جي وقت کي ظاهر نہ ڪيو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي تہ آمريڪا جون
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪيليفورنيا ۾ ٽريفڪ حادثو، 6 ڄڻا فوت، هڪ شديد زخمي

سان فرانسڪو (اي پي پي) آمريڪا جي رياست ڪيليفورنيا جي اترين علائقي ۾ پيش آيل خوفناڪ ٽريفڪ حادثي ۾ 6 ڄڻا
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران اسلام آباد جي شهرين لاءِ پاڪستان آسان خدمت مرڪز جو افتتاح

هن مرڪز سان عوام کي ٻي پناهه آسانيون ۽ مختلف ڪاٽن بابت خدمتون فراهم ڪيون وينديون: وزيراعظم

آسان خدمت مرڪز ۾ نادرا، ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن، سي ڊي اي، سوئي گئس ۽ ٻين ڪاٽن بابت خدمتون فراهم ڪيون وينديون

آسان خدمت مرڪز آزاد ڪشمير گلگت بلتستان ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ ڪوليندا،سين عوام جي خدمت جي لاءِ هر وقت تيار رهڻ ضروري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي گادي واري شهر جي شهرين کي آسان شفاف ۽ تيز ترين خدمتن جي فراهمي لاءِ پاڪستان آسان خدمت مرڪز جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ڪالهہ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پاڪستان آسان خدمت سينٽر جو دورو ڪري رهيو آهي

وزيراعظم شهباز شريف پاران شهزادي هند بنت سعود جي لاڏاڻي تي سعودي شاهي خاندان ۽ سعودي عوام سان تعزيت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت پاران سپر ٽيڪس ڪيس جي ٻڌڻي اڄ تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ۾ سپر ٽيڪس بابت ڪيس جي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ريلويز بامعنيٰ مشاورت ڪانپوءِ عملي قدمن تي ٻڌل روڊ ميپ پيش ڪري: وزيراعظم جي هدايت

وزيراعظم جي صدارت هيٺ پاڪستان ريلويز ۾ جاري سڌارن ۽ ترقي جي حوالي سان نجي شعبي جي ماهرن سان مشاورتي اجلاس ٿيو

معيشت جي مجموعي ترقي، صنعت ۽ واپار ۽ ٻين شعبن جي بهتري ۾ نجي شعبي جي ماهرن سان مشاورت حڪومت جي معاشي سڌارن جو حصو آهي: وزيراعظم

پاڪستان ريلويز جي معاشي ترقي ۽ علائقائي تعاون ۾ اهميت جي ڏس ۾ حڪومت انقلابي قدمن جو سلسلو شروع ڪيو آهي

پاڪستان ريلويز کي عالمي سطح تي عالمي معيار جو ڪمرشل مواصلاتي نظام جو حصو بڻائڻ جي لاءِ قدر وقت جي اهم ضرورت آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ريلويز ۾ اداراجاتي ۽ انتظامي ڪارڪردگي کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي لاءِ انقلابي قدمن کي لازمي قرار ڏيندي هدايت ڪئي آهي تہ پاڪستان
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

دشمن اڄ بہ تاڙ ۾ آهي، اسان کي سجاڳ رهڻو پوندو: خواجا آصف

عمران خان کي اقتدار ۾ آڻيندڙ ۽ پاڪستان کي گاريون ڏيندڙن کي پناهه ڏيندڙ چاهيندا تہ اهي ٻيهر اقتدار ماڻين

2025 ۾ جڏهن ڀارت حملو ڪيو تہ پاڪستان فتح جي تاريخ لکي ڇڏي، دنيا حيران ٿي وئي ڀارت کي شڪست ڏئي ڇڏي

نالي ماتر پاڪستاني پاڪستان کي معاشي استحڪام کان پري رکڻ چاهين ٿا ۽ طالبان سان محبت ڀرين ڳالهين جا حامي آهن: وزير دفاع

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف سوشل ميڊيا پوسٽ ۾ ايران جي موجوده صورتحال کي 2023 ۾ پاڪستان جي حالتن سان ڀيٽيو آهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ خواجا
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

منامان: خاتون اول آصفہ ڀٽو بحرين جو قومي عجائب گھر ڏسي رهي آهي

سينيٽ، قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر پنهنجن اثاثن ۽ بقاياڻن جا تفصيل اڄ جمع ڪرائين: اليڪشن ڪميشن

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس جون ڪارروايون، شهري زخمي، 7 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پوليس
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پي ٽي وي جي سمورن ملازمن کي پگهارن ۽ پينشن جون رقمون ادا ڪيون ويون

هن وقت اداري تي ڪنهن بہ ملازم تي ڪنهن بہ قسم جي واجب الادا رقم نہ آهي: عطاءُ الله تارڙ

پي ٽي وي ۾ اينڪرز کي ميرٽ تي رکيو ويو، اينڪرز جي ڀرتي ۾ ڪنهن بہ قسم جي سفارش نہ آهي

وزارت اطلاعات ۽ نشريات وٽ فنڊز موجود آهن، پي ٽي وي ۾ پگهارن جي عدم ادائيگي بابت افواهه بي بنياد آهن

پي ٽي وي اسپورٽس چينل بهتر انداز ۾ هلي رهيو آهي، عاليہ رشيد کي پي ٽي وي اسپورٽس جو سربراهه لڳايو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ پي ٽي وي جي سمورن ملازمن کي پگهارن ۽ پينشن جون رقمون ادا ڪيون ويون آهن هن وقت اداري تي ڪنهن بہ
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي آڊٽ نظام کي ڊجيٽل بڻائڻ ۾ نمايان اڳڀرائي

اي ايم آءِ ايس آڊٽ جي سڄي نظام کي ڊجيٽل بڻايو ويو آهي

ڊجيٽل نظام سرڪاري ادارن ۾ احتساب کي وڌيڪ مضبوط ڪندو: آڊيٽر جنرل

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سرڪاري شعبي جي آڊٽ نظام کي ڊجيٽل بڻائڻ ۾ نمايان اڳڀرائي حاصل ڪئي آهي 2022ع
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير ڪزاقستان جي وزير سان ملي رهيو آهي

ڪينيڊا مان آيل معزز مهمانن جو هالا پراڻا جو دورو، سماجي ۽ فلاحي منصوبن جو جائزو

ڪينيڊا مان آيل وفد دارالشفاءُ اسپتال، آئي ٽي ڪاليج، رورل هيلٿ سينٽر جو دورو ڪيو

سنڌ جا ٻيا شهر اجتماعي ترقي جي راهه اختيار ڪن تہ سڄي سنڌ خوشحالي ڏسي سگهي ٿي: مهمان

هالا (ت ر) درياهه سنڌ جي ڪناري صديون
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

يمن جي تڪرار جي حل لاءِ جامع سياسي ڳالهيون ڪيون وڃن

بنيادي سهولتن جي اڻهوند سان لکين ماڻهو مشڪلاتن جو شڪار آهن: پاڪستان

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان يمن ۾ ڏگهي عرصي کان جاري تڪرار جي حل لاءِ جامع ۽ شموليتي سياسي ڳالهين تي زور ڀريندي خبردار ڪيو آهي تہ بنيادي سهولتن جي اڻهوند سبب لکين ماڻهو شديد
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

چامشورو: لمس جو وي سي تربيتي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن کي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهيو آهي

پاڪستان جي پاسپورٽ جي عالمي رينڪنگ ۾ 28 درجا بهتري وڏي ڪاميابي آهي: وفاقي وزير محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي پاڪستان جي پاسپورٽ جي عالمي درجہ بندي ۾ نمايان
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نيب ڪورٽ ۾ ساڍا 17 هزار ايڪڙ زمين جي غيرقانوني الاٽمينٽ ريفرنس جي ٻڌڻي

سيد قائم علي شاهه عدالت ۾ پيش نہ ٿيو، وڪيل ميڊيڪل سبب استثنا جي درخواست داخل ڪئي

ملڪ رياض سميت 10 فرار جوابدارن جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ ۽ ٻين جو سمن جاري

سيد قائم علي شاهه جي بريت بابت درخواست ۽ اي سي ايل ۾ نالو شامل ڪرڻ خلاف داخل درخواستن جي ٻڌڻي ملتوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيب ڪورٽ ڪراچي ۾ ساڍا 17 هزار ايڪڙ زمين جي غيرقانوني الاٽمينٽ ريفرنس جي ٻڌڻي،نيب ڪورٽ ڪراچي ۾ ساڍا 17 هزار ايڪڙ زمين
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊاڪٽر عمران فاروق قتل ڪيس ۾ ايم ڪيو ايم لنڊن جا ٽي ڪارڪن ضمانت تي آزاد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينٽرل جيل
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ سيد اويس قادر شاهه جي سردار اياز صادق سان ملاقات

ملاقات ۾ قانون سازادارن وچ ۾ سهڪار ۽ پارليامانی رابطن کي مضبوط ڪرڻ تي زور

جمهوري نظام استحڪام لاءِ قانون ساز ادارن وچ ۾ رابطو ۽ مشورن جي انتهائي ضرورت آهي:اياز صادق

پارليامانی سهڪار جمهوري قدرن ۽ ادارن جي استحڪام کي بہ هٿي ڏئي ٿو:اويس قادر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي اسپيڪر سنڌ اسيمبلي سيد اويس قادر شاهه پارليامينٽ هائوس اسلام آباد ۾ قومي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: جاپاني ڪونسل جنرل مسارو محمدي ويلفيئر کي طبي سامان ڏيڻ جو افتتاح ڪري رهيو آهي

مٿانهين وارن علائقن ۾ سخت ٿڌ ۽ برفباري جو امڪان، الرٽ جاري

مٿانهين وارن علائقن ۾ وچولي کان سخت درجي جي برفباري جي اڳڪٿي

ماتحت ادارن کي موسمي صورتحال مطابق مسلسل هنگامي جاري ڪيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي(اين ڊي ايم اي) جي نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر ملڪ جي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا، ٻہ ڦورو مارجي ويا

نيو ڪراچي ۾ مقابلي دوران جهانزيب عرف ماما مارجي ويو، سندس قبضي مان پستول، موبائل هٿ

جوابدار 4 جنوري تي ڦرلٽ دوران سعد جاويد جو قتل ڪيو هو، مختلف ٿاڻن تي 14 ڪيس داخل ٿيل هئا

مرچڪر ٽينٽ ڪالوني ۾ SIU جي مقابلي دوران جوابدار زخمي، اسپتال نيندي رستي ۾ فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ ڌوهاري عنصرن جي وچ ۾ ٻن الڳ الڳ مبينا مقابلن ۾ هڪ خطرناڪ ڦورو مارجي ويو جڏهن تہ هڪ ٻئي جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ايوانِ صدر ۾ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي بابت تقريب، وقتي صدر يوسف رضا گيلاني ۽ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سميت صوبائي ڪابينا جا ميمبر بہ شريڪ

سنڌ حڪومت هر شعبي ۾ بهتريءَ لاءِ ڪم ڪري پئي، دنيا اسان جي ڪوششن کي مڃي رهي آهي: بلاول ڀٽو

پ پ چيئرمين سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي تي روشني وجهندي صحت، تعليم، غربت جي خاتمي، انفراسٽرڪچر، صنعت، زراعت ۽ آمدنيءَ ۾ واڌ جي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي کي اجاگر ڪيو

سنڌ حڪومت مختلف چئلينجز کي بهترين حڪمت عمليءَ سان منهن ڏنو آهي. سنڌ ۾ عالمي معيار جي صحت جون سهولتون مفت فراهم ڪيون پيون وڃن. عوام کي سهولتن جي فراهمي ۾ واڌ ڪئي آهي

سنڌ ۾ ڪينسر جو مهانگو ترين علاج مفت ڪيو پيو وڃي. صوبي ۾ ڀهرين پيرو ڪينسر جي علاج لاءِ سائبر نائيف ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي وئي آهي. گمس ۾ 1362 ڪامياب ليور ٽرانسپلانٽس ڪيا ويا آهن

سنڌ ۾ صحت لاءِ بجيٽ جو حصو 2008ع ۾ 2.9 سيڪڙو کان وڌي هاڻ تقريبن 10 سيڪڙو ٿي چڪو آهي. سنڌ ۾ ٻارن جي موت جي شرح 2.9 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ قومي سراسري 5.45 سيڪڙو کان ڪيترائي ڀيرا گهٽ آهي

سنڌ ۾ 2008ع ۾ سرڪاري يونيورسٽين جو انگ 10 هو جيڪو هاڻ وڌي 30 ٿي چڪو آهي. سڄي صوبي ۾ 18 نين يونيورسٽين جا ڪيمپس بہ قائم ڪيا ويا آهن. هاڻ تائين 7 لک 50 هزار گهر مڪمل ٿي چڪا آهن: پ پ چيئرمين

سنڌ جي عوام ڪيترائي ڀيرا پ پ کي چونڊي ان تي پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪيو. صوبائي حڪومت صحت، تعليم، توانائي، هائوسنگ ۽ ٻين شعبن جي ترقيءَ لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه

پ پ جي حڪمرانيءَ جو فلسفو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي ويزن مان ڪنيل آهي، جنهن جو مقصد معاشري جي محروم ترين طبقن کي بااختيار بڻائڻ ۽ جامع ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ آهي: تقريب ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ سنڌ حڪومت هر شعبي ۾ بهتريءَ لاءِ ڀرپور انداز ۾ ڪم ڪري رهي آهي. صحت جي شعبي ۾ بهتريءَ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي، سڄي سنڌ ۾ صحت جي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کنيا
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

منامان: صدر آصف علي زرداري سان بحرين جو گهرو وزير ليفٽيننٽ جنرل شيخ راشد بن عبدالله الخليفا ملاقات ڪري رهيو آهي

بحرين سان اقتصادي تعاون، سيڙپڪاري ۽ اداراجاتي رابطن لاءِ پرعزم آهيون: صدر آصف زرداري

بحرين جي سيڙپڪار دوست معيشت ڪاميابي سان بدلجندڙ عالمي ماحول ۾ قابل تقليد مثال آهي

پاڪستان بحرين جي ترقياتي سفر کي تحسين جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ ٻنهي ملڪن ۾ مضبوط هم آهنگي موجود آهي

انتهاپسندي جي خلاف موثر قدمن، داخلي سلامتي جي استحڪام ۽ پائيدري ملڪن سان پرامن لاڳاپن جي فروغ جي لاءِ پرعزم آهيون

منامہ (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ بحرين سان اقتصادي تعاون، سيڙپڪاري، حصيداري ۽ اداراجاتي رابطن جي فروغ جي لاءِ پرعزم آهيون. بحرين جي سيڙپڪار دوست معيشت ڪاميابي سان بدلجندڙ عالمي ماحول ۾ قابل تقليد مثال آهي. پاڪستان جي استحڪام
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

مريم نواز جي پٽ جي شادي تقريب لاءِ سنڌ مان اهم شخصيتن کي دعوت

جنيد صفدر اينڊ ڪجهہ ڏينهن ۾ ٻيهر شادي جي بنڌڻ ۾ ٻڌجي ويندو

جنيد صفدر جي شادي شيخ روحيل جي پوٽي شانزي علي سان ٿي رهي آهي

تقريب 18 جنوري 2026 تي شريف فارمز جاتي امرا ۾ ٻنهي جو هڪ وڏي ليندي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو، پيرپاڳاري، فريال ٽالپر، مخدوم جميل ۽ ٻين کي دعوت

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي پٽ ۽ اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف جو پوٽو جنيد صفدر
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ اڳواڻ ڊاڪٽر ياسمين راشد جي 9 مئي جي ٻن ڪيسن ۾ ضمانت جي ڪارروائي 21 جنوري تائين ملتوي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ ۽ پنجاب جي صحت واري اڳوڻي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير سردار محمد يوسف گئس ڌماڪي جي متاثرين سان ڳالهائي رهيو آهي

خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو پاران منامہ ۾ بحرين نيشنل ميوزيم ۽ پرل ميوزيم جو دورو

ميوزيمز اينڊ ڪلچرل جي بي جي فرح محمد مطر ۽ هاني علي بهزاد خاتون اول جو استقبال ڪيو

دوري دوران بي بي آصفہ ڀٽو زرداري کي ٻنهي عجائب گهرن جو دورو ڪرايو ويو ۽ بريفنگ ڏني وئي

منامہ (اي پي پي) خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري منامہ ۾ بحرين نيشنل ميوزيم ۽ پرل ميوزيم جو دورو ڪيو ڪالهہ خميس
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

جوڊيشل ڪميشن لاهور هاءِ ڪورٽ جي 11 ايڊيشنل ججز کي مستقبل ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ججن ۾ جسٽس حسن نواز مخدوم، ملڪ وقار حيدر، سردار اڪبر علي، سيد احسن رضا، ملڪ جاويد اقبال ۽ ٻيا شامل

ايڊيشنل جج راجا غضنفر علي خان کي مستقل ڪرڻ ۽ ايڊيشنل جج طارق محمود باجوا کي ڇهن مهينن جي واڌ ڏيڻ جي منظوري

مستقل ججز جو انگ مڪمل ٿيڻ سان عدالتي ڪم ۾ تيزي ۽ ڪيس جي وقتائتن فيصلن ۾ بهتري جي اميد آهي: جوڊيشل ڪميشن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ جوڊيشل ڪميشن جي اجلاس ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ جي 11 ايڊيشنل ججز کي مستقل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

حڪومت مخالف مظاهرو ڪندڙ کي ڦاهي نہ ڏني ويندي: ايران

سبب اهو آهي تہ آمريڪي صدر ايران خلاف بيان بازي کي گهٽايو آهي

تهران (اي پي پي) ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي آهي تہ حڪومت مخالف احتجاج ۾
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي خاص معاون فهد هارون سان هالينڊ جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ جو هر ڪارڪن اسان جو قيمتي اثاثو آهي، بلال محسود پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو آهي:سهيل آفريدي

پي ٽي آءِ جو هر ڪارڪن عمران خان جي نظريي تي هڪ آهي، پي ٽي آءِ جا ڪارڪن عمران خان جي امانت آهن

اسان جو ليڊر جيل ۾ آهي پر اسان پنهنجن ڪارڪنن کي بي يارو مددگار نٿا ڇڏي سگهون، ائين ڪيو تہ قوم اسان کي معاف نہ ڪندي

وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي جي سهراب ڳوٺ آمد، پي ٽي آءِ ڪارڪن بلال محسود جي شهادت تي تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي جي سهراب ڳوٺ آمد، پي ٽي آءِ ڪارڪن بلال محسود جي شهادت تي تعزيت وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي سهراب ڳوٺ
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سان ٿائيلينڊ جي سفير جي ملاقات

ٻہ طرفن لاڳاپن، گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن ۽ علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

پاڪستان ٿائيلينڊ سان پنهنجن پراڻن، دوستاڻي ۽ خوشگوار لاڳاپن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو: اسپيڪر

پاڪستان خطي جو اهم ملڪ آهي ۽ ٿائيلينڊ پاڪستان سان پنهنجن لاڳاپن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان ڪالهہ ٿائيلينڊ جي سفير رونگ وڏي ويرا بوتر
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پاڪ رينجرز جي ڪارروائي، مختلف ڪيسن ۾ گهربل 4 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي ايف سي ايريا
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ۽ وزيراعليٰ بلوچستان شهيد ميجر انور ڪاڪڙ جي گهر پهتا، تعزيت

”فتنہ الهندستان“ جي بزدلاڻي حملي ۾ شهيد بهادر پٽ جي عظيم قرباني کي خراج عقيدت

گهرو وزير محسن نقوي شهيد جي ٻي پٽ جي بہ اپچي سن ڪاليج ۾ داخلا ڪرائڻ جو اعلان ڪيو

ڪوئيٽا (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ۽ بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي ڪوئيٽا ۾
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهيون: وزيراعظم

بنون ۽ ڪرم ۾ دهشتگردن خلاف ڪاروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي خلاف وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري رهيون آهن: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ضلعي بنون ۽ ڪرم ۾ فتنہ الخوارج جي دهشتگردن جي خلاف ٻن جدا
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪسٽم جي ڪارروائي، سون ۽ آمريڪي ڊالر هٿ، هڪ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ايئرپورٽ تي مسافر کان 70 تولا سون ۽ 14,000 هزار آمريڪي ڊالر هٿ ڪيا ويا، جن جي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب پاران يمن لاءِ 1.9 ارب ريال جي ترقياتي پئڪيج جو اعلان

شهزاده خالد بن سلمان سان رياض ۾ يمن جي ڊاڪٽر رشاد العليمي ملاقات ڪئي

يمني وزيراعظم ۽ عدن جي گورنر سان ملاقات ڪري خوش آهيون: سعودي شهزادو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب يمن لاءِ
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪستان حڪومت سيڙپڪاري بانڊن جي نيلامي مان 488 ارب رپيا حاصل ڪري ورتا: اسٽيٽ بئنڪ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان حڪومت سيڙپڪاري بانڊن جي نيلامي مان 488 ارب رپيا حاصل ڪري ورتا آهن اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگن اکرن مطابق نيلامي مان 450 ارب رپيا حاصل ڪرڻ جو
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نارڪوٽڪس جي ڪارروائي، آئيس هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا جي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪراچي: ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد سان آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ملاقات ڪري رهيو آهي

پاڪستان ايران خلاف پنهنجي سرزمين استعمال ٿيڻ نہ ڏيڻ جي موقف تي قائم آهي: پرڏيهي ترجمان

وزيراعظم قطر جي امير شيخ تميم بن حمد الثاني کي يقين ڏيارايو آهي تہ پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندو رهندو

صدر آصف زرداري منامہ ۾ بحرين جي شاهه حماد بن عيسيٰ الخليفه سان ملاقات ڪئي ۽ واپار ۽ سيڙپڪاري تي ڳالهايو: طاهر حسين اندرابي

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو آهي تہ پاڪستان ايران خلاف پنهنجي سرزمين استعمال ٿيڻ نہ ڏيڻ جي موقف تي قائم آهي وزيراعظم خطي ۾ امن مڪالمي ۽
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڊي آءِ خان: پوليس چيڪ پوسٽ تي حملو ناڪام، 2 دهشتگرد مارجي ويا

رات دير سان دهشتگردن پوليس چيڪ پوسٽ ڪٽي تي حملو ڪيو: پوليس آفيسر

پوليس جوانن بهادري ۽ پيشيوراڻي مهارت جو مظاهرو ڪندي حملي کي ناڪام بڻايو

ڊيرا اسماعيل خان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڊيرا اسماعيل خان ۾ پوليس چيڪ پوسٽ تي حملو ناڪام بڻائيندي ٻہ دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ڊي پي او صاحبزادا سجاد احمد موجب رات دير سان دهشتگردن پوليس
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 13 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز گڏيل اطلاع تي خارجين خلاف بہ مختلف ڪارروايون ڪيون: آءِ ايس پي آر

بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا، ٻي ڪارروائي ڪرم ۾ ڪئي وئي، 5 خارجين کي ماريو ويو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروايون ۾ ڀارتي حمايت يافتہ 13 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب خيبر پختونخوا ۾ سيڪيورٽي فورسز گڏيل اطلاع تي خارجين خلاف بہ مختلف ڪارروايون ڪيون آءِ ايس پي آر بنايو تہ بنون ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن تہ ٻي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڊائريڪٽر جنرل ايڇ ڊي اي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيسڪو سان ملاقات

ملاقات جو مقصد گلستان سرمست هائوسنگ اسڪيم ۾ اليڪٽريفڪيشن جي عمل کي تيز ڪرڻ هو

اجلاس هٿي گلستان سرمست هائوسنگ اسڪيم ۾ بجلي فراهمي بابت نمايان ۽ مدت آهي، ماهون ڏيندي: سي اي او حيسڪو

ادارو ترقيات حيدرآباد اڳ ئي گرڊ اسٽيشن جي تعمير لاءِ 4 ايڪڙ زمين حيسڪو حوالي ڪري چڪو آهي

حيدرآباد (پ ر) ڊائريڪٽر جنرل ايڇ ڊي اي ڊاڪٽر افشان رباب سيد جي حيسڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سان ملاقات گلستان سرمست هائوسنگ اسڪيم ۾ بجلي جي فراهمي بابت تفصيلي ڳالهيون
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا: ڪاليجن وچ ۾ کيل باسڪيٽ بال جي مقابلي جو ڏيک

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پاران نيشنل پوليس اڪيڊمي جو دورو

اي ايس پيز لاءِ پلاٽن، بيجنگ ۾ تربيت ۽ پگهارن ۾ اضافي جو اعلان

موجوده پوليس بيچ کي جديد گهرجن مطابق تيار ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي: محسن نقوي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي نيشنل پوليس اڪيڊمي جي دوري جي موقعي تي تربيت هيٺ اي ايس پيز لاءِ اهم فيصلن جو اعلان ڪيو آهي جنهن تحت پاسنگ آئوٽ تي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ايڇ ڊي اي جي ڊي جي حيسڪو چيف سان ملاقات ڪري رهي آهي

ڪراچي ۾ تيز رفتار ٽرالر جي موٽرسائيڪل سان ٽڪر، ٻار فوت، والدين زخمي

هاڪس بي روڊ تي پراڻي ماڙي پور اسٽاپ ويجهو تيز رفتار ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيو

حادثي ۾ ٻن سالن جي حماد فوت ٿي ويو، سندس والد دانش ۽ ماءُ زينب سخت زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، پوليس ڊرائيور کي گرفتاري ڪري ٽرالر کي تحويل ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) هاڪس بي روڊ تي پراڻي ماڙي پور اسٽاپ جي ويجهو هڪ تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار هڪ ننڍڙو ٻار فوت ٿي ويو ۽ سندس والدين
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | زخمي

فوت جڏهن ته هڪ شخص شديد زخمي ٿي پيو. اها ڳالهه ڪيليفورنيا هاءِ وي پيٽرول (سي ايڇ پي) ٻڌائي آهي. حادثو مقامي وقت مطابق صبح اٽڪل 10 وڳي ڊاما ڪائونٽي ۾ پيش آيو جتي هڪ پڪ اپ ٽرڪ ضابطي مان نڪري روڊ جي وچئين لائن پار ڪندي سامهون کان ايندڙ ڪائونٽي ٽرانزٽ بس سان ٽڪرائجي وئي. حادثي جي وقت بس ۾ ڊرائيور سميت 5 مسافر سوار هئا. ٽڪر بعد بس ۾ باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ بس ڊرائيور ۽ 4 مسافر ڦٽڙ ٿي فوت ٿي ويا. اختيارين مطابق حادثي جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي.

بقايا | 2 | بلاول ڀٽو

پيا وڃن اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه هتي ايوان صدر ۾ سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي ۽ آئينده جي حڪمت عملي بابت منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. بلاول ڀٽو زرداري سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگي تي روشني وجهندي صحت، تعليم، غربت جي خاتمي، انفراسٽرڪچر، صنعت، زراعت ۽ آمدنيءَ ۾ واڌ جي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي کي اجاگر ڪيو هن ملڪ جي مالي مسئلن جي حل لاءِ سيلز ٽيڪس جي وصولي کي صوبن حوالي ڪرڻ جي تجويز به پيش ڪئي. تقريب ۾ وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، ڪي پي ڪي ۽ گلگت بلتستان جا گورنر، سنڌ جو اطلاعات وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ قومي اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر راجا پرويز اشرف کان علاوه سنڌ ڪابينه جا ميمبر، پارليامينٽ جا ميمبر پاڪستان ۾ مقرر پرڏيهي سفارتڪار، گڏيل قومن جي ادارن جي نمائندن سڄي پاڪستان مان چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريءَ جي عهديدارن ۽ صحافين سميت زندگيءَ جي شعبن سان تعلق رکندڙ اهم شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ حڪومت هر دور ۾ درپيش چئلينجز کي بهترين حڪمت عمليءَ سان منهن ڏنو آهي سنڌ ۾ عالمي معيار جي صحت جون سهولتون مفت فراهم ڪيون پيون وڃن هن چيو ته پ پ جي حڪومت ترجيحوار ادارن کي مضبوط ڪيو ۽ عوام کي سهولتن جي فراهمي ۾ واڌ ڪئي آهي. هن چيو ته 2008 ع ۾ اقتدار سنڀالڻ ڪانپوءِ هر صوبائي چونڊن ۾ پارٽيءَ کي پهريان کان وڌيڪ عوامي مينڊيٽ مليو آهي. صحت جي شعبي جو ذڪر ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته سنڌ ۾ صحت لاءِ بجيٽ جو حصو 2008 ع ۾ 2.9 سيڪڙو کان وڌي هاڻ تقريبن 10 سيڪڙو ٿي چڪو آهي هن چيو ته جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (جي پي ايم سي) جي واڌ جو حوالو ڏيندي چيو ته اتي بسترن جو انگ 1100 مان وڌائي 2025 ع تائين 2200 ٿي چڪو آهي ۽ 2028 ع تائين ان کي 3100 تائين ڪئي وڃڻ جو هدف آهي هن چيو ته نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊيزيز (اين آءِ سي وي ڊي) سڄي صوبي ۾ 11 خاص اسپتالون ۽ 30 چيسٽ پين يونٽس هلائي رهي آهي جنهن سان دل جي مريضن کي هنگامي سهولتن تائين پهچ ۾ نمايان بهتري آئي آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت جي پي ايم سي ڪراچيءَ کي عالمي معيار جي اسپتال بڻائي جڏهن ته اين آءِ سي وي ڊي ۾ دل جي مرض جو مفت علاج ڪيو پيو وڃي، صوبي ۾ اين آءِ سي وي ڊي طرز جي 11 اسپتالن مان هڪ سال ۾ 29 لک مريض علاج ڪرائي چڪا آهن سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولوجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (ايس آءِ يو ٽي) جو ذڪر ڪندي هن چيو ته ان جي بسترن جو انگ 760 مان وڌائي 1926 ٿي ويو آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ ۾ ڪينسر جو مهانگو ترين علاج مفت ڪيو پيو وڃي، صوبي ۾ پهريون پيرو ڪينسر جي علاج لاءِ سائبر نائيف ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي وئي آهي هن چيو ته گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ۾ هاڻ تائين 1362 ڪامياب ليور ٽرانسپلانٽس ڪيا ويا آهن جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ٽراما (ايس ايم بي بي آءِ ٽي) ڏکڻ ايشيا جو سڀ کان وڏو ٽراما سينٽر بڻجي چڪو آهي جتي ساليانو هڪ لک 75 هزار کان وڌيڪ مريضن جو علاج ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته سنڌ ۾ ٻارن جي موت جي شرح 2.9 سيڪڙو آهي جيڪا قومي سراسري 5.45 سيڪڙو کان ڪيترائي پيرا گهٽ آهي تعليم جي شعبي ۾ اڳڀرائيءَ جو ذڪر ڪندي هن چيو ته سنڌ ۾ 2008 ع ۾ سرڪاري يونيورسٽين جو انگ 10 هو جيڪو هاڻ وڌي 30 ٿي چڪو آهي جڏهن ته سڄي صوبي ۾ 18 نيون يونيورسٽين جا ڪيمپس به قائم ڪيا ويا آهن غربت جي خاتمي جي حوالي سان هن چيو ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پروگرام ذريعي آسان قرضن جي عيوض 14 لک عورتن کي غربت مان ڪڍڻ ۾ مدد ملي جنهن جي ريڪوري جي شرح 98 سيڪڙو آهي. پ پ چيئرمين 2022 ع تباهي آڻيندڙ ٻوڏ جو ذڪر ڪندي چيو ته صوبي ۾ 21 لک گهر تباهه ٿيا جنهن کان پوءِ سنڌ حڪومت 21 لک ماحول دوست مضبوط گهرن جي تعمير جو منصوبو شروع ڪيو هاڻ تائين 7 لک 50 هزار گهر مڪمل ٿي چڪا آهن هن چيو ته ان منصوبي سان تقريبن 10 لک روزگار جا موقعا پيدا ٿيا هن چيو ته ٻوڏ کان پوءِ سنڌ حڪومت 2.1 ارب رپين جي ماليت جي ڪڻڪ جو ٻج 2 لک 15 هزار آبادگارن ۾ ورهايو جنهن جي نتيجي ۾ ايندڙ سيزن ۾ 45 لک ٽن جي رڪارڊ ڪڻڪ پيدا ٿي هن چيو ته بينظير هاري ڪارڊ پروگرام سان هڪ لک 98 هزار آبادگارن کي فائدو پهتو جڏهن ته 56 ارب رپين جي ڪڻڪ سپورٽ پيڪيج ذريعي تقريبن 19.6 لک ايڪڙ ايراضيءَ تي پوک ممڪن ٿي هن چيو ته سنڌ دنيا جو سڀ کان وڏو آبپاشي نظام رکي ٿو جنهن ۾ 4 هزار ڪلوميٽر کان وڌيڪ نهرون شامل آهن اڄ وچ ۽ رسائيءَ جي حوالي سان هن چيو ته سنڌ ۾ روڊن جو نيٽ ورڪ تقريبن 57 هزار ڪلوميٽرن تي ٻڌل آهي جن مان 24148 ڪلوميٽر نوان روڊ آهن يا پوءِ ان کي بهتر بڻايو ويو آهي هن چيو ته 2008 ع کان پهرين سنڌو درياهه تي صرف 5 پُليون هيون جڏهن ته ان کان پوءِ وڌيڪ 4 پُليون تعمير ڪيون ويون هن چيو ته 2008 ع کان اڳ صوبي ۾ عوامي ٽرانسپورٽ نه هئڻ برابر هئي پر هاڻ پ پ حڪومت جي منصوبن تحت روزانو 2 لک کان وڌيڪ ماڻهو سفري سهولت مان فائدو کڻي رهيا آهن جن ۾ اليڪٽرڪ بسون به شامل آهن هن چيو ته بينظير مزدور ڪارڊ پروگرام تحت 2 لک 2 هزار مزدورن کي رجسٽرڊ ڪيو ويو آهي توانائيءَ جي شعبي جو ذڪر ڪندي هن چيو ته سنڌ ۾ 50 هزار ميگاواٽ تائين ونڊ انرجي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي

بقايا | 3 | آصف زرداري

ڊيجيٽلائيزيشن ۽ سيڙپڪاري تي ٻڌل معيشت ترقي جي راهه تي گامزن آهي، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ زراعت، غذائي تحفظ، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ڊيجيٽل خدمتن، قابل تجديد توانائي ۽ لاجسٽڪس سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي وسيع گنجائش موجود آهي ڪالهه خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار بحرين جي اڪنامڪ ڊيوليپمينٽ بورڊ پاران ڏنل آجياڻي کي خطاب ڪندي ڪيو صدر بحرين جي فرمانروا شاهه حمد بن عيسيٰ الخليفه ۽ ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده سلمان بن حمد الخليفه جو شاندار استقبال ۽ مهمان نوازي ۽ شاهه حمد بن عيسيٰ الخليفه پاران شيخ عيسيٰ ايوارڊ ڏيڻ تي ٿورو مڃيندي ان کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهري ڀائيچاري ۽ گڏيل احترام جي عڪاسي قرار ڏنو هن چيو ته هي آجياڻو پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ ويجهي ۽ پراڻي دوستي جو مظهر آهي هن اڪنامڪ ڊيوليپمينٽ بورڊ جي واضح اسٽريٽجڪ ويزن ۽ ادارجاتي مضبوطي کي ساراهيندي چيو ته بحرين جي سيڙپڪار دوست معيشت ڪاميابي سان بدلجندڙ عالمي ماحول ۾ قابل تقليد مثال آهي. بحرين جي نائب وارو وزير اقتصادي ترقي تي بريفنگ ڏيڻ شروع ڪئي ته صدر مملڪت طرف اشارو ڪندي چيو ته ترقي ان جي آڏو واضح طور تي نظر اچي رهي آهي ۽ ڪنهن وضاحت جي محتاج نه آهي صدر چيو ته اڪنامڪ ڊيوليپمينٽ بورڊ بحرين جي اقتصادي حڪمت عملي جي جوڙجڪ، غيرملڪي سيڙپڪاري جي فروغ ۽ اهم شعبن ۾ واڌويجهه جي عمل ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن چيو ته سرڪاري ادارن ۽ نجي شعبي سان ويجهي رابطاڪاري جي ڪري بحرين چئلينجن ۾ اضافي جدت جي فروغ ۽ سيڙپڪارن جي لاءِ قابل اعتماد ۽ سازگار ماحول پيدا ڪيو آهي. هن چيو ته پاليسي هم آهنگي ۽ سيڙپڪارن جي سهولت جي لاءِ اي ڊي بي ماڊل پائيدار ۽ جامع ترقي جي خواهشمند ملڪن جي لاءِ هڪ مثال آهي

بقايا | 4 | ملتوي

وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد جي 9 مئي جي ٻن ڪيسن ۾ ضمانت جي ڪارروائي سينيئر پراسيڪيوٽر جي غير حاضري سبب 21 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي دهشتگردي ڪورٽ عدالت جي جج منظر علي گل 9 مئي جي ٻن ڪيسن ۾ ڊاڪٽر ياسمين راشد جي ضمانت وارين درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ڊاڪٽر ياسمين راشد طرفان ايڊووڪيٽ راڻا مدثر عمر پيش ٿيو سينيئر پراسيڪيوٽر جي غير حاضري سبب ڊاڪٽر ياسمين راشد جي ضمانت وارين درخواستن تي ڪا به اڳڀرائي نه ٿي سگهي عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس جو رڪارڊ پيش ڪرڻ ۽ پراسيڪيوٽر کي دليل ڏيڻ لاءِ طلب ڪري ورتو ڊاڪٽر ياسمين راشد جي ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 21 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا | 5 | منظوري

آهي. جاري ڪيل پڌرائي موجب، مستقل ڪيل ججز ۾ جسٽس حسن نواز مخدوم، جسٽس ملڪ وقار حيدر اعوان، جسٽس سردار اڪبر علي، جسٽس سيد احسن رضا، جسٽس ملڪ جاويد اقبال، جسٽس محمد جواد ظفر، جسٽس خالد اسحاق، جسٽس ملڪ محمد اويس خالد، جسٽس چوڌري سلطان محمود، جسٽس تنوير احمد شيخ ۽ جسٽس عبهر گل شامل آهن. پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ايڊيشنل جج راجا غضنفر علي خان کي مستقل ڪرڻ جي منظوري ناهي ڏني وئي.

بقايا | 6 | سهيل آفريدي

پهتو جتي هن ريلي دوران جانبحق ٿيندڙ پاڪستان تحريڪ انصاف جي ڪارڪن بلال محسود جي گهر وڃي وارثن سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي پي ٽي آءِ سنڌ جو صدر حليم عادل شيخ، پي ٽي آءِ ڪراچي جو صدر راجا اظهر سميت پارٽي جا ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. سهراب گوٺ ۾ ٿيل اجتماع ۾ پي ٽي آءِ جي وڏي انگ ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي ۽ پارٽي قيادت سان ڀرپور يڪجهتي جو اظهار ڪيو اجتماع کي خطاب ڪندي وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف ملڪ جي واحد حقيقي قومي پارٽي آهي

بقايا | 7 | گرفتار

لياقت آباد مان ڦرلٽ، اسٽريٽ ڪرائيم ۽ منشيات فروشي ۾ ملوث 4 خطرناڪ جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدارن ۾ انس عرف شاني ولد آصف، سيد ظاهر حسين عرف ضياءُ ولد سيد زوار حسين، محمد جاويد عرف چيتا ولد بشير احمد ۽ دانيال عرف ڪلر والا ولد صابر حسين شامل آهن. رينجرز موجب جوابدارن جي قبضي مان وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ 1 عدد 30 بور پسٽل (بغير لائسنس) ايمونيشن سميت، 1 عدد ڊمي پسٽل، 7 عدد موبائيل فون هڪ موٽر سائيڪل ۽ نقد رقم برآمد ڪئي وئي آهي. ابتدائي جاچ مطابق گرفتار جوابدار منظم ڌوڙهاري گينگ جا ميمبر آهن.

بقايا | 8 | گرفتار

ڪل قيمت لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ 50 لک رپيا ٿئي ٿي تفصيل موجب جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي ڪسٽم عملدارن سون ۽ آمريڪي ڊالرن جي اسمگلنگ خلاف ڪارروائي ڪندي هڪ مسافر کان وڏي مقدار ۾ سون ۽ پرڏيهي ڪرنسي ضبط ڪئي ڪسٽم عملدارن موجب آپريشن دوران استنبول ويندڙ هڪ شڪي مسافر کي چيڪنگ لاءِ روڪيو ويو ۽ جڏهن اسڪيننگ دوران سون جي موجودگي جو پتو پيو ته مسافر جي سامان جي تفصيلي جانچ ڪئي وئي

بقايا | 9 | گرفتار

هدايتن تي منشيات فروشن ۽ اسمگلرن خلاف ڪارروايون جاري آهن نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ، ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي هڪ اطلاع تي ڪارروائي ڪندي شاهه الله نالي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو ۽ سندس قبضي مان 500 گرام آئس (ميٿ ايمفيٽامائن) هٿ ڪئي وئي شروعاتي جاچ موجب، ملزم روزانو حب کان ڪراچي ڪي آئس سپلاءِ ڪندو هو نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ، ويسٽ جي ٽيم جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا | 10 | تعزيت

شهيد ميجر انور ڪاڪڙ جي رهائشگاهه جو دورو ڪيو ٻنهي اڳواڻن شهيد جي والده، ڀائرن ۽ معصوم پٽن سان ملاقات ڪئي ۽ "فتنہ الهندستان" جي بزدلاڻي حملي ۾ شهيد ٿيل بهادر پٽ جي عظيم قرباني کي زبردست لفظن ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو ان موقعي تي صوبائي وزير بلوچستان جو چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس بلوچستان به ساڻس گڏ هئا. محسن نقوي ۽ مير سرفراز بگٽي شهيد جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي ۽ سوڳوارن لاءِ صبر جي دعا ڪئي ملاقات دوران شهيد ميجر انور ڪاڪڙ جي والده جي بلند حوصلي سڀني جون دليون کٽي ورتيون هن فخر سان چيو ته منهنجو پٽ شينهن هو جيڪو وطن تان قربان ٿي ويو باقي منهنجا ٻه پٽ به ملڪ لاءِ حاضر آهن گهرو وزير محسن نقوي شهيد جي ٻي پٽ جي به ايچي سن ڪاليج ۾ داخلا ڪرائڻ جو اعلان ڪيو

بقايا | 11 | اعلان

1.9 ارب ريال جي ترقياتي پئڪيج جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي خبررسان اداري مطابق سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان سان رياض ۾ يمني صدارتي قيادت ڪائونسل جي سربراهه ڊاڪٽر رشاد العليمي ملاقات ڪئي ۽ ان موقعي تي يمن لاءِ 1.9 ارب ريال جي ترقياتي پئڪيج جو به اعلان ڪيو. شهزاده خالد بن سلمان ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ لکيو ته هو رشاد العليمي، ڪائونسل جي ميمبرن، يمني وزيراعظم ۽ عدن جي گورنر سان ملاقات ڪري تمام گهڻو خوش آهي.

بقايا | 12 | پرڏيهي ترجمان

ڏالئي جي فروغ جي لاءِ قطر جي تعميري ۽ فعال ڪردار کي ساراهيندي سفارتي ذريعن سان ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ قطر جي بامعنيٰ ڪوشش جو اعتراف ڪيو آهي ڪالهه خميس ڏينهن پريس بريفنگ ۾ هن چيو ته وزيراعظم قطر جي امير شيخ تميم بن حمد الثاني سان ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ۾ قطري قيادت کي يقين ڏياريو ته پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندو رهندو ترجمان چيو ته ٻنهي اڳواڻن ايندڙ ڏينهن ۾ ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو ترجمان چيو ته ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ قطر جي وچ ۾ وڌندڙ لاڳاپن جي موجوده مثبت رخ تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ آزمايل ڀائيچاري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪيو ترجمان چيو ته ان موقعي تي وچ اوڀر ۾ تازي صورتحال ۽ اڳڀرائي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ترجمان چيو ته صدر آصف علي زرداري بحرين جي سرڪاري دوري تي آهي.

بقايا | 13 | مارجي ويا

ڪارروائي ڪرم ۾ ڪئي وئي، جنهن ۾ 5 خارجين کي ماريو ويو

بقايا | 14 | دورو

آفيسرن کي پلاٽن جي فراهمي هڪ مهيني جي ٽريننگ لاءِ چين جي شهر (بيجنگ) موڪلڻ ۽ پوليس آفيسرن جي پگهارن ۾ بهتري سميت پروموشن جا مسئلا فوري حل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي هن واضح ڪيو ته پوليس فورس کي عالمي معيار جهڙو تيار ڪرڻ لاءِ پيشيورانه مهارت ۽ مالي طور بهتر بڻائڻ کي يقيني بڻايو ويندو گهرو وزير ٽريننگ هيٺ آفيسرن کي خطاب ڪندي چيو ته موجوده پوليس بيچ کي جديد گهرجن مطابق تيار ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي ان سلسلي ۾ آفيسرن جون مالي مشڪلاتون ختم ڪرڻ لاءِ خصوصي قدم کنيا پيا وڃن

بقايا | 15 | زخمي

زخمي ٿي پيا. پوليس ٽرالر کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو ۽ ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو. رپورٽ موجب ماڙي پور پوليس ٿاڻي جي علائقي ۾ هاڪس بي روڊ تي پراڻي ماڙي پور اسٽاپ جي ويجهو هڪ تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار هڪ ننڍڙو ٻار فوت ٿي ويو ۽ سندس والدين زخمي ٿي پيا. انهن کي فوري طور تي ايڌي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو فوت ٿيل نوجوان ٻار جي سڃاڻپ ٻن سالن جي حماد ۽ سندس زخمي والدين جي سڃاڻپ 30 سالن جي دانش ۽ 25 سالن جي زينب طور ڪئي وئي آهي ماڙي پور ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ ٽرالر موٽرسائيڪل کي ٽڪر هڻڻ کان پوءِ فوت ٿيل 2 سالن جي ٻار منان علي جي خاندان موجب، سندس والدين ۽ ٻه ٻار موٽرسائيڪل تي سوار هئا.

بقايا | 16 | ملاقات

سي اي او هيسڪو پاران ايندڙ هڪ هفتي اندر مثبت اڳڀرائي جي خاطري. ميڊيا سيل HDA پاران جاري ڪيل پڌرنامي موجب، ڊائريڪٽر جنرل HDA ڊاڪٽر افشان رباب سيد گذريل ڏينهن حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري سان اهم ملاقات ڪئي. ان موقعي تي سيڪريٽري HDA قاضي محمد اسلم ايگزيڪيوٽو انجنيئر هائوسنگ پروجيڪٽ انجنيئر اصغر ميمڻ انجنيئر سرفراز احمد ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. ملاقات جو بنيادي ايجنڊا گلستان سرمست هائوسنگ اسڪيم ۾ اليڪٽريفڪيشن جي عمل کي تيز ڪرڻ ۽ اتي رهندڙ ۽ مستقبل جي رهواسين لاءِ بجلي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ هو. ڊاڪٽر افشان رباب سيد اسڪيم ۾ بجلي جي بنيادي ڍانچي جي ضرورت تي زور ڏنو ته جيئن الاٽيز کي پيش ايندڙ مسئلن جو ازالو ٿي سگهي.

بقايا | 17 | مارجي ويا

چيڪ پوسٽ ڪئي تي حملو ڪيو ۽ پوليس جي فوري طور جوابي ڪارروائي ۾ ٻه دهشتگرد مارجي ويا. هن ٻڌايو ته دهشتگردن جي حملي ۾ هڪ پوليس اهلڪار زخمي ٿيو جنهن کي فوري طور طبي امداد لاءِ اسپتال ليو ويو سندس چوڻ هو ته پوليس جوانن بهادري ۽ پيشيورانه مهارت جو مظاهرو ڪندي حملي کي ناڪام بڻايو

بقايا | 18 | اسٽيٽ بئنڪ

هدف مقرر ڪيو ويو هو نيلامي لاءِ مجموعي طور 1458 ارب رپيين جا واڪ مليا، موجوده نيلامي ۾ گذريل نيلامي جي ڀيٽ ۾ مختلف عرصي جي بانڊن تي منافعي جي شرح ۾ مجموعي طور 59 کان 70 بيسز پوائنٽس جي گهٽتائي ڪئي وئي آهي

بقايا | 19 | وزيراعظم

ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم انهن آپريشنز ۾ فتنه الخوارج جي 13 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي ساراهيندي چيو ته عزم استحڪام جي ويزن تحت سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي خلاف وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪري رهي آهي هن چيو ته پوري قوم دهشتگردي جي خلاف ان جنگ ۾ پاڪستان جي فوج سان گڏ بيٺل آهي. ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي جي لاءِ پرعزم آهيون

بقايا | 20 | ملاقات

پارليامينٽ هائوس ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻه طرفن لاڳاپن گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن ۽ علائقائي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي ڳالهائيندي اسپيڪر چيو ته پاڪستان ٿائيلينڊ سان پنهنجن پراڻن دوستاڻن ۽ خوشگوار لاڳاپن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو هن ٿائيلينڊ ۾ آيل سامونڊي طوفان جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي دلي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته پاڪستان ۾ مذهبي سياحت کي هٿي وٺرائڻ جا وسيع موقعا موجود آهن. پاڪستان مختلف تهذيبن ثقافتن ۽ مذهبن جو گهوارو آهي هر سال وڏي انگ ۾ ٻڌمت، سک ۽ ٻين مذهبن جا پيروڪار پاڪستان ۾ مقدس ماڳن جي زيارت تي ايندا آهن هتي گنڌارا تهذيب جا ڪيترائي اهم آثار موجود آهن هن چيو ته موسمياتي تبديليون هڪ عالمي ۽ گڏيل چئلينج آهن موسمياتي تبديلين جهڙن چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ اجتماعي ۽ گڏيل عالمي ڪوشش جي ضرورت آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ عورتن کي زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ برابريءَ جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن قومي اسيمبليءَ ۾ عورت ميمبرن تي ٻڌل وومين پارليامينٽري ڪاڪس جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي وومين پارليامينٽري ڪاڪس عورتن جي حقن فلاح بهبود ۽ تحفظ لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي اسپيڪر ٻنهي ملڪن وچ ۾ رابطن ۽ تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ چيو ته پارلياماني وفدن جي متواتر ڏي وٺ ٻنهي ملڪن جي پارليامينٽ وچ ۾ هم آهنگي ۽ تعاون کي هٿي ملندي. قومي اسيمبليءَ ۾ قائم پاڪ-ٿائيلينڊ پارلياماني فرينڊشپ گروپ ٻنهي ملڪن جي پارليامينٽن وچ ۾ رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. سفير پارلياماني رابطن کي هٿي ڏيڻ بابت اسپيڪر جي تجويزن سان اتفاق ڪيو ۽ چيو ته پاڪستان خطي جو هڪ اهم ملڪ آهي

بقايا | 21 | ايران

شرڪت ڪندڙ مظاهرو ڪندڙن کي ڦاهي نه ڏني ويندي جنهن جو سبب اهو آهي ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران خلاف بيان بازي کي گهٽايو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن ان ڳالهه جي ترديد ڪئي ته تهران حڪومت مخالف مظاهرو ڪندڙن کي ڦاهي ڏيڻ جو منصوبو بڻائي رهي آهي ان کان اڳ آمريڪي ڊونلڊ ٽرمپ چيو هو ته ڪيس ان ڳالهه جي خاطري ڪرائي وئي آهي ته ايران ۾ مظاهرو ڪندڙن کي ڦاهي ڏيڻ جي منصوبي تي عمل روڪيو ويو آهي آمريڪا طرفان ايران خلاف فوجي ڪارروائي جي وڌندڙ خدشن وچ ۾ قطر جي هڪ ايئر بيس سان ڪجهه اهلڪارن کي واپس گهرائڻ جي ڪجهه ڪلاڪن ڪانپوءِ آمريڪي صدر چيو ته هن ٻي ڌر جي انتهائي اهم ذريعن سان ڳالهايو آهي ۽ ڏسنداسين ته بحران ڪهڙي صورت اختيار ڪري ٿو پر هن امڪاني آمريڪي فوجي ڪارروائي کي رد ناهي ڪيو صدر ٽرمپ چيو ته آمريڪي انتظاميا کي ايران طرفان تمام سٺو بيان مليو آهي ۽ هو ڏسندو ته ايران جي حڪومت طرفان ڪهڙا قدم کنيا وڃن ٿا.

بقايا | 22 | دورو

ڏينهن ايوان صدر پاران جاري بيان موجب بي بي آصفه ڀٽو زرداري سان گڏ بحرين جي هائوسنگ اينڊ اربن پلاننگ واري وزير آمنه بنت احمد الروميحي پڻ هئي ميوزيم اچڻ تي خاتون اول جو استقبال ميوزيمز اينڊ ڪلچرل جي ڊائريڪٽر جنرل فرح محمد مطر ۽ ڊائريڪٽر ڪميونيڪيشنز اينڊ پارٽنرشپس هاني علي بهزاد ڪيو دوري دوران بي بي آصفه ڀٽو زرداري کي ٻنهي عجائب گهرن جو دورو ڪرايو ويو جتي بحرين جي ڀرپور ثقافتي ورثي ۽ تهذيبي عظمت کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي هن شاندار مهمان نوازي ۽ بحرين جي ثقافتي ۽ تاريخي خزانن کي ويجهو کان ڏسڻ جي موقعي تي دلي خوشي جو اظهار ڪيو هن قومي ورثي جي تحفظ ۽ تاريخ جي حفاظت جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته اهو سڃاڻپ، اتحاد ۽ ايندڙ نسلن جي لاءِ تحريڪ جو اهم ذريعو آهي. خاتون اول ثقافتي سفارتڪاري، عجائب گهرن جي وچ ۾ حصيداري، تعليمي مٽاسٽا ۽ آثار قديم جي تحفظ جي شعبن ۾ پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ تعاون جي وسيع امڪانن کي پڻ اجاگر ڪيو هن چيو ته ٻئي ملڪ هڪ شاندار تهذيبي ورثو رکندڙ آهن جن ۾ پاڪستان جي واديءَ سنڌ جي تهذيب ۽ بحرين جي آثار قديم تي ٻڌل وراثت خاص طور تي دلمون تهذيب شامل آهي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ثقافتي ورثي جي تحفظ ۾ ويجهو تعاون ٻنهي قومن جي وچ ۾ عوامي رابطن ۽ گڏيل فهم کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهي ٿو.

بقايا | 23 | دعوت

ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ هڪ دفعو ٻيهر شادي جي بنڌڻ ۾ ٻڌجي ويندو جنيد صفدر جي شادي شانزي علي روحيل سان ٿي رهي آهي جيڪا پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينيئر اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر شيخ روحيل اصغر جي پوٽي آهي. شادي جون تقريبون 16 جنوري 2026 کان شروع ٿينديون جڏهن ته جنيد صفدر جي جڃ 17 جنوري تي ليڪ سٽي ويندي. سوشل ميڊيا تي وائرل ڪارڊ موجب جنيد صفدر جي وليمي جي تقريب 18 جنوري 2026 تي شريف فارمز جاتي امرا ۾ ٻنپهرن جو هڪ وڳي منعقد ٿيندي جڏهن ته شريف خاندان جي طرفان تقريبن جي تاريخ بابت تصديق يا ترديد نه ٿي سگهي آهي واضح رهي ته گذريل مهيني شيخ روحيل اصغر جنيد صفدر جي ٻئي شادي جي تصديق ڪندي تقريبن جا ڪجهه تفصيل به ٻڌايا هئا. هن ٻڌايو ته منهنجي پوٽي شانزي ۽ جنيد جي ڀيڻ ماهنور صفدر جي گهري دوستي آهي ٻئي اڪثر هڪ ٻئي جي گهر اينديون وينديون رهنديون آهن اهو يقين سان نٿو چئي سگهجان ته ماهنور صفدر پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ انهي شادي جي چونڊ ڪئي پر شانزي اڪثر مريم نواز سان به ملندي رهندي هئي شايد انهي ڪري مريم نواز انهي رشتي جي لاءِ پنهنجي پٽ سان رابطو ڪيو هن چيو ته جڏهن منهنجي ڌيءَ مون کان پڇيو ته مون ڪيس چيو ته اها خدا جي رحمت آهي ته اسان جي ننڍي ڌيءَ ايتري معزز خاندان ۾ شادي ڪري رهي آهي مون انهي رشتي کي قبول ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪئي ياد رهي ته جنيد صفدر پهريان به شادي ڪري چڪو آهي هن 2021 ۾ عائشه سيف سان شادي ڪئي هئي پر اهو رشتو وڌيڪ وقت تائين قائم نه رهي سگهيو جنهن کان پوءِ ٻئي آڪٽوبر 2023 ۾ ڌار ٿي ويا هئا. جن مهمانن کي سنڌ مان دعوت ڏني وئي آهي انهن ۾ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري حر روحاني پيشوا پير پاڳارو مخدوم جميل زمان سيد غوث علي شاهه لياقت جتوئي ارباب غلام رحيم امير بخش ڀٽو جام ڪرم علي جام فاروق عقيل ڪريم ڍيڍي عارف حبيب، وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پ پ ليڊيز ونگ جي صدر فريال ٽالپر دبئي جو شيخ ناصر لوٽا، صوبائي شرجيل انعام ميمڻ ناصر شاهه ۽ ٻيون اهم شخصيتون شامل آهن جڏهن ته معروف گلوڪاره عابده پروين ۽ صنم ماروي تقريب ۾ سُر وکيريندين جن کي پڻ دعوت ڏني وئي آهي تقريب ۾ مهمانن لاءِ لاڙڪاڻي مان دليپ جي مٺائي بمبئي بيڪري جا ڪيڪ جاويد نهاري ۽ ٻيا طعام به تيار ڪرايا ويندا.

بقايا | 24 | کولي ڇڏيو

غيرمعمولي سرگرميون نظر اچي رهيون آهن جڏهن ته برطانيا ايران وڃان پنهنجو سمورو عملو واپس سڏائي ورتو آهي برطانوي سفير کي به تهران مان وطن واپس طلب ڪيو ويو آهي انهن قدمن کي امڪاني فوجي ڪارروائي سان ڳنڍيو پيو وڃي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي مظاهرين تي تشدد ۽ ڦاهين جي معاملي تي پهرين ئي سنگين الزام هڻي چڪو آهي، ٻئي طرف ايران جي پاسداران انقلاب جي بري فورس جي ڪمانڊر برگيڊيئر جنرل محمد ڪرمي چيو آهي ته ايران ۾ ٻاهرين تعاون سان رڳوڙن بعد آمريڪا جي حملن جي ڌمڪين جي پيش نظر فورسز کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي. صحافين سان ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو ته ايران هن وقت مڪمل طور هائبرڊ وار جو مقابلو ڪري رهيو آهي جيڪو معيشت، سماجي، سياسي ۽ سائبر ميدان سميت ٻين محاذن تي مشتمل آهي اسان ان جنگ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اعليٰ سطح تي تيار آهيون ۽ ايراني هٿياربند فوجون ڪنهن به قسم جي جارحيت جي خلاف متحد آهن ان کان اڳ پاسداران انقلاب جي چيف ڪمانڊر ميجر جنرل محمد پاڪ پور خبردار ڪيو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل جهڙين ٻاهرين قوتن جي جارحيت جو هر صورت ۾ جواب ڏيڻ لاءِ اسان جي فوج تيار آهي واضح رهي ته آمريڪي ميڊيا رپورٽ ڪيو هو ته صدر ٽرمپ ايران جي خلاف زوردار ۽ فيصلائتي ڪارروائي جي حق ۾ آهي ۽ ڊگهي جنگ جي بجاءِ مختصر پر اثرائتو حملو ڪرڻ ٿو چاهي. هوڏانهن اسرائيلي آرمي چيف سڄي ملڪ ۾ فوري طور تي دفاعي تياريون شروع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ۽ اتر اسرائيل سميت مختلف علائقن ۾ بم شيلٽر کوليا ويا آهن

بقايا | 25 | افتتاح

خميس ڏينهن افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته هن مرڪز سان عوام کي بي پناهه آسانيون ۽ مختلف کاتن بابت خدمتون فراهم ڪيون وينديون جديد ٽيڪنالاجي آذربائيجان پاران اسان جي لاءِ تحفو آهي آذربائيجان جي صدر الهام عليوف جي غيرمعمولي تعاون تي ان جا ٿورائتا آهيون اهڙي طرح جا مرڪز آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ پڻ قائم ڪيا ويندا. ان موقعي تي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد خان چيمه، اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان، چيف ڪمشنر اسلام آباد ۽ سي ڊي اي چيئرمين محمد علي رنڌاوا، آءِ جي اسلام آباد علي ناصر رضوي ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان آسان خدمت مرڪز جو افتتاح ڪيو ويو آهي آذربائيجان جي دوري دوران باڪو ۾ خدمت مرڪز جو دورو ڪيو هو ۽ ان دوري دوران فيصلو ڪيو ته ان طرز جا ادارا وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ قائم ڪنداسين ان سلسلي ۾ آذربائيجان جي صدر الهام عليوف جي غيرمعمولي تعاون تي ان جا ٿورائتا آهيون جديد ٽيڪنالاجي آذربائيجان پاران اسان جي لاءِ تحفو آهي. هن چيو ته پاڪستان آسان خدمت مرڪز سان عوام کي بي پناهه سهولتون ۽ آسانيون ملنديون. پاڪستان آسان خدمت مرڪز جي لاءِ ماسٽر ٽرينرز آذربائيجان سان تربيت حاصل ڪئي آهي. ماسٽر ٽرينرز خدمتن جي فراهمي ۾ اخلاق ۽ احترام جي جذبي سان پنهنجون ذميواريون ادا ڪن. آسان خدمت مرڪز ۾ نادرا، ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن، سي ڊي اي، سوئي گئس ۽ ٻين کاتن بابت خدمتون فراهم ڪيون وينديون هن چيو ته آسان خدمت مرڪز آزاد ڪشمير گلگت بلتستان ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ کولينداسين عوام جي خدمت جي لاءِ هر وقت تيار رهڻ ضروري آهي. ان موقعي تي انفارميشن ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه چيو ته پاڪستان آسان خدمت مرڪز عوامي خدمتن جو نظام هڪ انقلابي قدم آهي. پاڪستان آسان خدمت مرڪز ۾ هڪ ئي ڇت جي هيٺ سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي، آسان خدمت مرڪز جو قيام ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي اهڙي مرڪز جهڙن قدمن سان شهري حڪومت سان تعلق وڌيڪ مضبوط ٿيندو هن چيو ته آسان خدمت مرڪز جي قيام جو مقصد عام ماڻهن جي لاءِ آسان شفاف ۽ تيز ترين خدمتن کي يقيني بڻائڻ آهي ان کان اڳ وزيراعظم کي پاڪستان آسان خدمت مرڪز ۾ دستياب سهولتن بابت بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم آسان خدمت مرڪز جي مختلف حصن جو دورو ڪيو مرڪز ۾ ڏني ويندڙ خدمتن جو جائزو ورتو ۽ انهن خدمتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي لاءِ هدايت ڪئي

بقايا | 26 | تعزيت

شهباز شريف شهزادي هند بنت سعود بن عبدالعزيز آل سعود جي لاڏاڻي تي سعودي شاهي خاندان ۽ سعودي عوام سان تعزيت جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پاڪستاني عوام سعودي حڪومت ۽ عوام جي ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف شهزادي هند بنت سعود بن عبدالعزيز آل سعود جي درجن جي بلنديءَ ۽ سوڳوارن جي لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي هن چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ مون سميت پاڪستاني عوام سعودي حڪومت ۽ عوام جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن

بقايا | 27 | ملتوي

ٻڌڻي اڄ جمعي تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. چيف جسٽس امين الدين جي سربراهي ۾ ٽه رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي عدالت وڪيل فروغ نسيم کي دليل جاري رکڻ جي هدايت ڪندي ٻڌڻي اڄ جمعي تائين ملتوي ڪري ڇڏي، هو پنهنجا دليل مڪمل ڪندو.

بقايا | 28 | هدايت

ريلويز بامعنيٰ مشاورت ڪانپوءِ عملي قدمن تي ٻڌل روڊ ميپ ايندڙ هفتي پيش ڪري وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ پاڪستان ريلويز ۾ جاري سڌارن ۽ ترقي جي حوالي سان نجي شعبي جي ماهرن سان مشاورتي اجلاس ٿيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه خميس ڏينهن جاري بيان موجب اجلاس ۾ ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمه، وزيراعظم جي خاص معاون هارون اختر نيشنل ڪوآرڊينيٽر ايس آءِ ايف سي ليفٽيننٽ جنرل (ر) سرفراز احمد ۽ لاڳاپيل وزارتن جي سيڪريٽرين ۽ عملدارن ڪانسواءِ نجي شعبي جي ماهرن زيد بشير پير سعد احسان الدين ۽ ٻين شرڪت ڪئي. وزيراعظم مجموعي معاشي ترقي، علائقائي صنعت ۽ واپار ۾ تعاون ۽ عوامي سهولت ۽ ڪمرشل استعمال جي لاءِ ريلويز جي معياري ڪارڪردگي جي اهميت کي اجاگر ڪندي دستياب ذريعن ۽ معاشي مسئلن جي باوجود بهترين ڪارڪردگي تي ريلوي واري وزارت جي سموري ٽيم کي شاباس ڏني وزيراعظم ريلوي واري وزارت جي وسيلن جي ڪمرشل استعمال جي لاءِ جامع حڪمت عملي جلد کان جلد جوڙڻ جي خصوصي هدايت ڪئي

بقايا | 29 | خواجه آصف

آصف چيو ته عمران خان کي اقتدار ۾ آڻيندڙ ۽ پاڪستان کي گاريون ڏيندڙن کي پناهه ڏيندڙ چاهيندا ته اهي ٻيهر اقتدار ماڻين. 9 مئي تي فوجي ملڪيتن تي حملو اهي ئي مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش هئي. هن چيو ته عمران خان جي حڪومتي دور ۾ به ڀارت پاڪستان تي حملو ڪيو هو پر فرق ڏسو ته اسان راتورات ان جي پائلٽ ابي نندن کي ٻانهون ٻڌي واپس ڪري ڇڏيو هو

بقايا | 30 | اليڪشن ڪميشن

آف پاڪستان سينيٽ، قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبلين جي انهن ميمبرن جن پنهنجن اثاثن جا گوشوارا اڃان تائين جمع ناهن ڪرايا کي هدايت ڪئي آهي ته اهي پنهنجن اثاثن ۽ بقاياتن جا تفصيل تجويز ڪيل فارم بي تي اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 137 تحت اڄ 15 جنوري 2026 ع تائين اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائين

بقايا | 31 | گرفتار

ڌوڙهاري عنصرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ۽ مختلف علائقن ۾ مبينا پوليس مقابلن دوران 6 زخمي ملزمن سميت ڪل 7 جوابدارن کي گرفتار ڪيو جڏهن ته فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ شهري به زخمي ٿيو پهريون واقعو فيروزآباد ٿاڻي جي حد ۾ شهيد ملت روڊ هل پارڪ جي ويجهو پيش آيو جتي پوليس مقابلي دوران هڪ شڪي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب زخمي ملزمن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ان جي سڃاڻپ ڪامران جي نالي سان ٿي جوابدار جي قبضي مان هٿيار ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو ٻئي ڪارروائي ۾ سچل پوليس پاران سعدي ٽائون جي ويجهو ڪارروائي ڪئي وئي، جنهن ۾ هڪ ملزم کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب زخمي ملزمن جي سڃاڻپ عبدالمالڪ عرف ڪودا جي نالي سان ٿي جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو گرفتار جوابدارن جي قبضي مان هڪ پستول، موبائل فون ۽ چوري ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، اهڙي طرح عزيز ڀٽي پوليس ڊالميا روڊ سيمينٽ فيڪٽري جي ويجهو هڪ ڪارروائي دوران زخمي ڦورن سميت ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو

بقايا | 32 | ادا ڪيون وڃن

قسم جي واجب الادا رقم نه آهي پي ٽي وي ۾ پگهارن جي عدم ادائيگي بابت افواهون بي بنياد آهن پي ٽي وي ۾ اينڪرز کي ميرٽ تي رکيو ويو اينڪرز جي ڀرتي ۾ ڪنهن به قسم جي سفارش نه آهي ان بابت زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪيو پيو وڃي هو ڪالهه خميس ڏينهن پارليامينٽ هائوس ۾ ڪميٽي جي ڪنوينر نديم عباس جي صدارت ۾ قومي اسيمبلي جي اطلاعات ۽ نشريات بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي ذيلي ڪميٽي جي اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو هو اجلاس ۾ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پي ٽي وي جي مالي ۽ انتظامي صورتحال انساني وسيلن ۽ ادارجاتي سڌارن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي اطلاعات واري وفاقي وزير ڪميٽي کي ٻڌايو ته پي ٽي وي جي سمورن ملازمن کي پگهارون ۽ پينشن جون رقمون ادا ڪيون وڃن آهن هن وقت اداري تي ڪنهن به قسم جي ڪا واجب الادا رقم نه آهي

بقايا | 33 | اڳڀرائي

ڪان آڊٽ مينيجمينٽ انفارميشن سسٽم جي تياري ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ ذريعي آڊٽ جي پوري عمل کي جديد ٽيڪنالاجي سان ڳنڍيو ويو آهي آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي آفيس موجب اي ايم آءِ ايس آڊٽ پلاننگ کان وٺي حتمي آڊٽ رپورٽ تائين سڄي عمل کي مڪمل طور تي ڊجيٽل بڻايو ويو آهي ان نظام سبب آڊٽ جي عمل ۾ ڪارڪردگي ۽ شفافيت ۾ نمايان بهتري آئي آهي جنهن سان عوامي ماليات نگراني وڌيڪ مضبوط ٿي آهي آڊٽ عملدارن تصديق ڪئي آهي ته هن وقت اي ايم آءِ ايس کي اينڊ ٽو اينڊ ڊجيٽل نظام بڻائڻ لاءِ وڌيڪ توسيع جو ڪم جاري آهي جنهن تحت پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي (پي اي سي) ۽ پرنسپل اڪائونٽنگ آفيسرن سان ڊجيٽل انٽرفيس قائم ڪري رهيا آهيون ته جيئن رابطاڪاري ۽ حقيقي وقت ۾ معلومات جي مٽاسٽا بهتر بڻائي سگهجي.

بقايا | 34 | وڃن

مشڪلاتن جو شڪار آهن هن گڏيل قومن جي حراست هيٺ امدادي عملي جي فوري آزادي جو به مطالبو ڪيو گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي مستقل نمائندي سلامتي ڪائونسل کي خطاب ڪندي چيو ته سمورين يمن جون ڌرين ۽ علائقائي حصيدار اهڙي جامع ۽ پائيدار سياسي رضامندي لاءِ تعميري ڪردار ادا ڪن جيڪو يمن جي عوام جي امنگن جي عڪاسي ڪري ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي يمن جي صورتحال تي بحث دوران پاڪستاني نمائندي تازن واقعن ۽ تشدد ۾ اضافي تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ سعودي عرب جي ميزباني ۾ رياض ۾ جامع ڳالهيون ڪرائڻ جي عدن ۾ وقتي صدارتي قيادت ڪائونسل جي اعلان جي آجيان ڪئي پاڪستاني سفير چيو ته پاڪستان يمن جي وحدت، خودمختياري، آزادي ۽ علائقائي سلامتي جي مڪمل حمايت ڪري ٿو ۽ ڪنهن به اهڙي هڪطرفن قدمن جي مخالفت ڪري ٿو جيڪي اختلافن کي وڌائين، ڇڪتاڻ ۾ اضافو ڪن ۽ امن جي ڪوشش کي نقصان پهچائين. پاڪستاني نمائندي يمن جي قيادت ۾ ۽ يمني عوام جي ملڪيت تي ٻڌل سياسي عمل جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو

بقايا | 35 | محسن نقوي

بهتري کي ملڪ لاءِ هڪ وڏي ڪاميابي قرار ڏنو آهي سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي بيان ۾ هن ٻڌايو ته پاڪستاني پاسپورٽ جي رينڪنگ 126 هين کان بهتر ٿي 98 هين پوزيشن تي اچي وئي آهي

بقايا | 36 | ٻڌڻي

جي غيرقانوني الاٽمينٽ بابت داخل ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه عدالت ۾ پيش نه ٿيو وڪيل صفائي عدالت کي آگاهه ڪيو ته سيد قائم علي شاهه جي طبيعت خراب آهي. تنهن ڪري ڪيس حاضريءَ کان استثنا ڏنو وڃي عدالت هدايت ڪئي ته ايندڙ ٻڌڻي تي سيد قائم علي شاهه پنهنجو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ جمع ڪرائيندو ڪيس ۾ آغا مقصود عباس، جاويد حنيف سميت 13 جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا جڏهن ته اڳوڻو ڊي جي ايس بي سي اي ملزم منظور قادر ڪاڪا عدالت ۾ پيش نه ٿيو

بقايا | 37 | ملاقات

اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران وزيراعظم جو خاص مددگار طارق فاطمي ۽ ميمبر قومي اسيمبلي نوابزاده عامر علي خان مگسي پڻ موجود هئا. ملاقات ۾ قانون ساز ادارن وچ ۾ سهڪار جي واڌ، پارلياماني رابطن کي مضبوط ڪرڻ اثرائتي قانونسازي، وفاق ۽ صوبن وچ ۾ هم آهنگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو ته جمهوري نظام جي استحڪام لاءِ سڀني قانون ساز ادارن وچ ۾ ويجهن رابطن ۽ صلاح مشورن جي انتهائي ضرورت آهي هن چيو ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلين وچ ۾ رابطن سان قانونسازي جو عمل وڌيڪ بهتر بڻجي سگهي ٿو سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته پارلياماني سهڪار نه رڳو عوامي مسئلن جي حل ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو پر جمهوري قدرن ۽ ادارن جي استحڪام کي به هٿي ڏئي ٿو

بقايا | 38 | آزاد

ڪراچي ۾ قائم انسداد دهشتگردي عدالت ڊاڪٽر عمران فاروق قتل ڪيس ۾ مالي معاونت جي الزام هيٺ نامزد ايم ڪيو ايم (لنڊن) جي ٽن ڪارڪنن جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي عدالت شاهد عرف متحده، شهزاد ۽ ماجد کي پنج پنج لک رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي عدالت کي ٻڌايو ويو ته جوابدارن خلاف فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (FIA) پاران سال 2020 ع ۾ مقدمو داخل ڪيو ويو هو جنهن ۾ الزام هنيو ويو ته جوابدارن پارٽي ايجنٽ محمد صديق جي ذريعي را (RAW) کان فنڊنگ حاصل ڪئي جوابدارن جي وڪيل عابد زمان ايڊووڪيٽ عدالت کي ٻڌايو ته مقدمو داخل ٿئي ڇهه سال گذري چڪا آهن

بقايا | 39 | جاري

معاڻهين وارن علائقن ۾ شديد ٿڌ ۽ برفباري جو هنگامي الرٽ جاري ڪيو آهي الرٽ مطابق جنوري جي پڇاڙي تائين گلگت بلتستان خيبرپختونخواهه جي معاڻهين وارن علائقن ۽ آزاد ڪشمير ۾ رات ۽ صبح جي وقت ۾ ٿڌ جي شدت ۾ اضافي جو امڪان آهي. ان دوران معاڻهين وارن علائقن ۾ وچولي کان سخت درجي جي برفباري جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي جنهن جي نتيجي ۾ رابطا روڊ بند، ٽرانسپورٽ جو نظام ۽ بجلي جي فراهمي سخت متاثر ٿي سگهي ٿي جابلو علائقن ۾ برفباري سبب برفاني ڇپون ڪرڻ ۽ روڊن تي ترڪڻ پوڻ جي خطرن ۾ اضافو ٿي ويو آهي

بقايا | 40 | مارجي ويا

ڪيو ويو پوليس اختيارين موجب ڪارروائين دوران هٿيار موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪئي وئي پهريون واقعو بلال ڪالوني ٿاڻي جي حد ۾ نيو ڪراچي جي سيڪٽر بي-5 ۾ عيدگاهه گرائونڊ جي ويجهو ٿيو جتي پوليس ۽ ڦورن جي وچ ۾ فائرنگ جو سلسلو شروع ٿيو پوليس موجب مقابلي ۾ هڪ جوابدار موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته سندس ساٿي اونداهه جو فائدو وٺندي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو مقتول جوابدار جي لاش کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ جهانزيب عرف ساما جي نالي سان ٿي

بقايا | 41 | جائزو

پراڻي تاريخ رکندڙ تاريخي وسندي هالا پراڻا پنهنجي خوبصورت جاگرافيائي حيثيت، علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن سبب نه رڳو سنڌ پر سڄي پاڪستان ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿي حفيظ قريشي ٽرسٽ جي دعوت تي ڪينيڊا مان آيل معزز مهمانن خير محمد ڪولاچي، مبشر ملڪ عبدالجبار لاشاري ۽ عمران شيخ ۽ انعام الله شيخ تي مشتمل وفد هڪ ڏينهن جي دوري تي هالا پراڻا پهتو وفد جو والهاڻو استقبال ڊاڪٽر قاضي طاهر قريشي (سينيئر آفيسر ڪسٽمز ڊپارٽمينٽ)، سيد گلفام ڪاظمي (چيئرمين سول سوسائٽي آف سنڌ)، انجنيئر عنايت الله ميمڻ (فنانس سيڪريٽري) ۽ انجنيئر ڪي ڪي نارائڻ داس (ميمبر بورڊ آف ڊائريڪٽرز) ڪيو.

آفيس آف دي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ _ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

KARACHI METROPOLITAN CORPORATION

ڪيمپ آفيس نمبر.01 پويان دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ، K.M.C مسلم آباد ڪراچي

No: CPC/ED/KMC/2025-26/72/Karachi   Dated: 15-01-2026

ٽينڊرن گهرائڻ لاءِ نوٽيس

(خريد جو طريقو: سنگل اسٽيج - ٻه لفافا طريقو)

هيٺ ڏنل تفصيلن مطابق، SPPRA جي اي-پروڪيورمينٽ جمع ڪرائڻ جي گهرجن جي مطابق. اهل واڪ ڏيندڙن کان سنگل اسٽيج ٽو اينويلپ پروسيجر تي "EPADS" جي نئين طريقي سان اِي-واڪ جي درخواست ڪئي وئي آهي:

سيريل نمبر	اسڪيم جو نالو	ڪٿيل لاڳت	واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر لاڳت (رپيا)	PEC ڪئٽيگري سان ڪوڊس
01	اندروني روڊن جي بحالي - ڪراچي جي مختلف ضلعن ۾ وڏن روڊن جو رابطو				
اي)	پيڪيج-04: اپ موڙ (سنڌ گورنمينٽ اسپتال) روڊ جي بهتري ۽ بحالي، جنهن ۾ شاهراهه عثمان کان نالا اسٽاپ، ضلعو سينٽرل تائين نيڪال جو نظام شامل آهي.	362629691	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-3 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE09، CE10، EE06 جي ڪوڊز سان گڏ.
بي)	پيڪيج-05: پير بازار روڊ جي بهتري ۽ بحالي، جنهن ۾ سرجاني روڊ کان 4000 روڊ، ضلعو سينٽرل تائين نيڪال جو نظام شامل آهي.	470112870	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-3 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE09، CE10، EE06 جي ڪوڊز سان گڏ.
سي)	پيڪيج-06: ال آمنه اوينيو جي بهتري ۽ بحالي، خواجه اجمير نگري پوليس اسٽيشن کان بابا موڙ سرجاني ضلعو سينٽرل تائين.	321343524	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-3 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE09، CE10، EE06 جي ڪوڊز سان گڏ.
ڊي)	پيڪيج-07: 1) شاهراهه عثمان کان شاهراهه نور جهان نيو ڪراچي، ضلعو سينٽرل تائين رحمانيه روڊ جي بحالي ۽ بهتري. 2) بلاڪ-بي نارٿ ناظم آباد روڊ جي بهتري ۽ بحالي، جنهن ۾ سيد ڪلينڪ کان سچل رينجرز هيڊ ڪوارٽر، ضلعو سينٽرل تائين نيڪال جو نظام شامل آهي.	326704449	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-3 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE09، CE10، EE06 جي ڪوڊز سان گڏ.
اِي)	پيڪيج-08: 1) حيدرآباد بس اسٽاپ کان شپ اونر رائونڊ اباؤٽ، ڊسٽرڪٽ سينٽرل تائين مڪيه روڊ جي بهتري ۽ بلاڪ ڊي جي بحالي. 2) بلاڪ-جي مين روڊ کان فاروق اعظم مسجد کان قلندريا جي چوڙائي، ڊسٽرڪٽ سينٽرل تائين امپرووومينٽ ۽ ريهيبليٽيشن. 3) الهه راضي برياني کان حيدر فوڊس، ڊسٽرڪٽ سينٽرل تائين سخي حسن اسٽريٽ تائين نيڪال جو نظام شامل آهي. جي بحالي ۽ بهتري.	512652846	ڪٿيل لاڳت جو 5%	5000	ڪيٽيگري C-3 يا ان کان مٿي ۾ ڪارگر PEC لائسنس، اسپيشلائيزيشن ڪوڊ CE01، CE09، CE10، EE06 جي ڪوڊز سان گڏ.

لازمي گهرجون:

a. شرڪت ڪندڙن کي پنهنجا ريٽ لفظن ۽ انگن ۾ ڀرڻا گهرجن.
b. واڪ تي ڪمپني جي صحيح ۽ مهر سان گڏ ڪارگر هئڻ گهرجي.
c. واڪ سيڪيورٽي / سوڌي رقم شرڪت ڪندڙ جي ڪمپني / فرم جي اڪائونٽ مان ڪٽي وڃي.
d. واڪ سيڪيورٽي جي بينڪ گارنٽي يا پي آرڊر واڪ سان گڏ "EPADS SPPRA Sindh" جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيو ويندو ۽ واڪ کولڻ کان اڳ جسماني طور تي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي، انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ KMC جي آفيس ۾، دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي جي پويان، نيو ايم اي جناح روڊ مسلم آباد ڪراچي ۾ جمع ڪرايو ويندو.
e. 200 رپين جي اسٽيمپ پيپر تي انٽيگريٽي پيڪٽ.
f. واڪ ڏيندڙ کي کولڻ کان اڳ اين آءِ تي ۾ بيان ڪيل ناقابل واپسي ٽينڊر جي قيمت ڪنهن به شيڊيول بينڪ آف پاڪستان کان ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي حق ۾ پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائڻي پوندي.

قابليت جو معيار:

a. شناختي ڪارڊ جي ڪاپي.
b. گورنمينٽ آف سنڌ طرفان ڪارگر اليڪٽريڪل لائسنس.
c. ڪارگر پي اي سي ۽ ڪيٽيگري لاڳاپيل فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن ڪوڊس (جتي لاڳو ٿئي)
d. ڪارگر اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ (واڪ ڏيندڙ فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ تي هوندو).
e. ڪارگر ايس آر بي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ. (واڪ ڏيندڙ کي سنڌ روينيو بورڊ (ايس آر بي) جي فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ لسٽ تي هجڻ گهرجي).
f. ڪارگر پيشيور ٽيڪس سرٽيفڪيٽ.
g. فرم بابت حلف نامو / انڊرٽيڪنگ جيڪا گذريل پنجن سالن کان ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي هجي يا ڪنهن به سرڪاري / نيم سرڪاري کاتي سان ڪنهن به عدالتي ڪيس / مقدمي ۾ ملوث نه هجي.
h. گهٽ ۾ گهٽ سراسري ساليانو ٽرن اوور:
1. پيڪيج.04 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 362.630 ملين رپيا.
2. پيڪيج.05 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 470.113 ملين رپيا.
3. پيڪيج.06 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 321.344 ملين رپيا.
4. پيڪيج.07 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 326.705 ملين رپيا.
5. پيڪيج.08 گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / منصوبي جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 512.653 ملين رپيا
i. (ICAP) رجسٽريشن آڊٽ فرمن کان گذريل پنجن سالن جي ساليانو آڊٽ رپورٽ، (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمن کان سواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽ قبول نه ڪئي ويندي.
j. مشينري ۽ سامان جي فهرست جيڪا ان جي ملڪيت / ليز / ڪرائي تي ڏنل دستاويزي ثبوت سان گڏ موجود آهي (جيئن گهربل ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيل آهي).
k. گذريل پنجن سالن دوران ڪيل ساڳئي نوعيت جي ڪم (ڪم) ۾ مخصوص تعميراتي تجربو، مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ سان گڏ. جيئن %100 ڪم جو تجربو ڪنهن به سرڪاري شعبي / نيم سرڪاري شعبي ۾ هجڻ گهرجي.
1. گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙي نوعيت جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي اندازي مطابق قيمت جو %80 هجي: يا
2. گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت اندازي مطابق قيمت جو %50 هجي:
l. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي بايو ڊيٽا جيڪو ضرورت مطابق ۽ واڪ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

شرط ۽ ضابطا:

1. واڪ / ٽينڊر دستاويز: واڪ دستاويز ايس پي پي آر اي سنڌ جي (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) "EPADS" جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪيا ويندا.
2. جمع ڪرائڻ جي تاريخ:
سيئي واڪ (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل) صرف SPPRA اي-پروڪيورمينٽ سسٽم (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) "EPADS" ذريعي آن لائين جمع ڪرائڻ گهرجن. ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل تجويز ٻئي لاڳاپيل سيڪشن ۾ جمع / اپ لوڊ ڪيون وينديون ۽ دستي واڪ هٿو هٿ جمع ڪرائڻ تي قبول نه ڪيا ويندا.
واڪ 09-02-2026 تي يا ان کان اڳ صبح جو 11:00 وڳي تائين آن لائين جمع ڪرايو ويندو ۽ صرف ٽيڪنيڪل واڪ شروعاتي طور تي ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ڪي ايم سي جي آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي موجودگي ۾ ۽ دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن يا انهن جي نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو.
ڪنهن به سبب جي ڪري، جيڪڏهن ٽينڊر مٿي ڏنل تاريخ تي جواب نه ڏنا ويا، ته ايندڙ تاريخ 25-02-2026 تي يا ان کان اڳ آن لائين جمع ڪرائڻ جي تاريخ صبح 11:00 وڳي ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي تائين کوليا ويندا.
3. فنديڊ ٿرو: گرانٽ اِن ايڊ.
4. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن
5. هيٺين شرطن جي تحت واڪ رد ڪيو ويندو:
i. واڪ جي هارڊ ڪاپي يا هٿ سان واڪ قبول نه ڪيو ويندو.
ii. مشروط واڪ قبول نه ڪيو ويندو.
iii. مخصوص تاريخ ۽ وقت ڪانپوءِ اپ لوڊ ٿيل/جمع ٿيل واڪ.
iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.
v. جمع ڪرايل دستاويز جيڪڏهن ڪنهن به مرحلي تي جعلي ثابت ٿين ٿا.
vi. واڪ سيڪيورٽي جو پي آرڊر کولڻ جي تاريخ کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرايو ويو
6. مجاز اختياري کي SPPRA ضابطن جي لاڳاپيل شق جي تابع ڪنهن به يا سڀني تجويزن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
7. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي گذارش آهي ته اهي اي-واڪ جمع ڪرائڻ لاءِ پنهنجي فرم (فرمن) / ڪمپني (ڪمپنين) کي "EPADS" جي SPPRA ويب سائيٽ (http://portalsindh.eprocurement.gov.pk) تي رجسٽر ڪرائين.
8. واڪ ڏيندڙن پاران جمع ڪرايل ٽيڪنيڪل تجويزن جو جائزو خريداري ڪميٽي پاران تشخيصي معيار ۽ ٽيڪنيڪل تجويز ۾ ڏنل لازمي گهرجن مطابق ورتو ويندو ۽ ان کان پوءِ ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ واڪن جون مالي تجويزون ساڳئي ڪميٽي پاران ان تاريخ ۽ وقت تي کوليون وينديون جيڪي ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي ٻڌايو ويندو.
9. جوائنٽ وينچر (JV) جي اجازت نه هوندي.
10. ايس پي پي آر اي جي سڀني قاعدن / نوٽيفڪيشن تي عمل ڪرڻ لازمي آهي.

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي،
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ - ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

INF/MM/116/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

بلاول ڀٽو جو ٿرپارڪر ۾ اهم خطاب
صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد
ايران کي جنگ جي ڌمڪي، گرين لينڊ جي بساط ۽ ٽرمپ جي نفسياتي سياست!
صفحو 4

شبِ معراج جي اهميت ۽ افاديت!
اعجاز ممنائي
صفحو 4

احسان ابڙو
تحريڪِ انصاف جا اڻ وٽندڙ رويا...!
صفحو 4

جوهي جمالي ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف احتجاجي ريلي، مظاهرو

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي ضلعي اڳواڻ منظور احمد مگسي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

مهانگائي سبب عوام پريشان آهي، اٽي جهڙي بنيادي خوراڪ جي اگهن ۾ لڳاتار اضافو عوام دشمن پاليسين جو نتيجو آهي: اڳواڻ

اٽي سميت روزمره جي استعمال واري شين جي اگهن ۾ فوري گهٽتائي آندي وڃي، مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج تيز ڪيو ويندو

جوهي جمالي وڌندڙ مهانگائي ۽ اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

جوهي جمالي (ن ع) جوهي جمالي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي ضلعي اڳواڻ منظور احمد مگسي شريف ڪلمتي عطا محمد بنگلاڻي محمد جمن هالو اڪبر مگسي سيد جمن شاهه امتياز تالپور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف پراڻي نيشنل بينڪ کان جوهي جمالي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين حڪومت خلاف نعريبازي ڪندي چيو ته مهانگائي غريب عوام جي جيئڻ محال بڻائي ڇڏيو آهي جڏهن ته اٽي جهڙي بنيادي خوراڪ جي اگهن ۾ لڳاتار اضافو عوام دشمن پاليسين جو نتيجو آهي. اڳواڻن جو چوڻ هو ته حڪمران عوام جي مسئلن کان لاتعلق بڻيل آهن ۽ رڳو امير طبقي کي فائدو ڏئي رهيا آهن. ان موقعي تي تقرير ڪندڙ اڳواڻن مطالبو ڪيو ته اٽي سميت روزمره جي استعمال واري شين جي اگهن ۾ فوري گهٽتائي آندي وڃي، مهانگائي تي ضابطو آندو وڃي ۽ غريب عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو.

نصيرآباد جي گورنمينٽ بوائز پرائمري مين اسڪول مان بيٽرين چوري ٿيڻ خلاف ريلي، مظاهرو، ڌرڻو

پ ٽ الف جي سڏ تي استادن ۽ شاگردن گڏجي شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو، نعريبازي

اسڪول مان سولر سسٽم جون هيوي بيٽريون چوري ٿيڻ سبب اسان جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي: شاگرد

بيٽرين جي چوري پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سواليه نشان آهي، اسڪول ۽ ٿاڻو سڏ پنڌ تي آهن، واپس ڪرايون وڃن

نصيرآباد گورنمينٽ بوائز پرائمري مين اسڪول مان بيٽرين چوري ٿيڻ خلاف هنيل احتجاجي ڌرڻي جو ڏيک

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد جي قديمي تعليمي اداري گورنمينٽ بوائز پرائمري مين اسڪول مان سولر پلانٽ جون هيوي بيٽريون چوري ٿيڻ خلاف پ ٽ الف جي سڏ تي استادن ۽ شاگردن گڏجي شهر ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ٿاڻي اڳيان ڌرڻو هنيو احتجاجي ريلي ۾ اسڪول جي سوين معصوم شاگردن پڻ هٿن ۾ ڪتاب کڻي شرڪت ڪئي شاگردن پنهنجي استادن سان گڏجي چوري خلاف ۽ پوليس انتظاميا جي نااهليءَ خلاف سخت نعريبازي ڪئي شاگردن جو چوڻ هو ته اسڪول مان سولر سسٽم جون بيٽريون چوري ٿيڻ سبب اسان جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي ۽ گرميءَ جي موسم ايندي ئي اسان جو ويهڻ مشڪل بڻجي ويندو ريلي جي اڳواڻي ڪندڙ معشوق باداڻي عبدالوهاب بروهي محمد زمان جهتيال ۽ شهري اتحاد جي اڳواڻن ڪامريڊ سينگار نوناري اعجاز شيخ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسڪول مان بيٽرين جي چوري پوليس جي ڪارڪردگي تي وڏو سواليه نشان آهي اسڪول ۽ ٿاڻو سڏ پنڌ تي آهن ايس ايڇ او جي رهائشگاهه به ويجهو آهي پر ان جي باوجود 3 ڪلاڪن تائين چور واردات ڪندا رهيا ۽ پوليس کي خبر ئي نه پئي هنن الزام هنيو ته نصيرآباد پوليس جي مبينا ملي ڀڳت ڪانسواءِ اهڙي واردات ناممڪن آهي اڳواڻن ۽ شاگردن مطالبو ڪيو ته فوري طور چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ روزانو اسڪول جي موڪل بعد ٿاڻي اندر ڌرڻو هنيو ويندو.

مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ٽن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جو افتتاح

ڪانفرنس ۾ جاپان، ملائيشيا، ڪوريا، اسپين ۽ ٻين ملڪن جا اسڪالرز پنهنجي تحقيق پيش ڪري رهيا آهن: وي سي

هن ڪانفرنس ۾ ورڪشاپ، پوسٽر ڪمپيٽيشن ۽ پي ايڇ ڊي سمپوزيم پڻ رکيو ويو آهي: ڊاڪٽر ارباب نگهت

ڪانفرنس ۾ ڪل ڏهه ويهڪون ٿينديون، ڪانفرنس ۾ پڙهيل تحقيقي مقالا مختلف تحقيقي جرنلز ۾ شايع ڪيا ويندا: ڊاڪٽر عريج فاطمه

ڄامشورو (پ ر) انسٽيٽيوٽ آف انفارميشن اينڊ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجيز مهراڻ يونيورسٽي طرفان منعقد ڪيل پهرين ٽن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جو افتتاح مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٿي گذريو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته هن ڪانفرنس ۾ جاپان ملائيشيا، ڪوريا، اسپين ۽ ٻين ملڪن جا اسڪالرز پنهنجي تحقيق پيش ڪري رهيا آهن اهڙيون ڪانفرنسون ڪرائڻ سان علم جاڻ ۽ تخليقي ڪم ٿيندو اسان کي تخليقي ٿيڻو پوندو رڳو هڪ ۽ هڪ پلس ٻه واري انجنيئرنگ سان ڪم نه هلندو هي ڪانفرنس پاڪستان ۽ عالمي دنيا جي ماهرن کي گڏائڻ ۽ هڪٻئي کي ٻڌڻ جو موقعو پڻ آهي. وائيس چانسلر چيو ته هي ڪانفرنس هاڻي هر ٻن سالن بعد ٿيڻ گهرجي هن چيو ته غلام اسحاق خان انسٽيٽيوٽ پڻ اسان سان سهڪاري آهي ڪانفرنس چيئر ڊاڪٽر ارباب نگهت چيو ته هن ڪانفرنس ۾ ورڪشاپ، پوسٽر ڪمپيٽيشن ۽ پي ايڇ ڊي سمپوزيم پڻ رکيو ويو آهي هن چيو ته هن ڪانفرنس ۾ پاڪستان ۽ عالمي دنيا سان تحقيقي مقالا پڙهندڙ ۽ مک مقررن جا ٿورائتا آهيون سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي سهڪار جا ٿورائتا آهيون ڪانفرنس جا تفصيل ٻڌائيندي ڊاڪٽر عريج فاطمه چيو ته گذريل هڪ سال کان اسان ڪانفرنس جي تياري ڪري رهيا هئاسين توڙي جو موسم خراب آهي ڪوهيڙو آهي پوءِ به ايڏي وڏي تعداد ۾ ٿوهان جي شرڪت ڪانفرنس جي ڪاميابي جي نشاني آهي هن چيو ته ڪانفرنس ۾ پڙهيل تحقيقي مقالا مختلف تحقيقي جرنلز ۾ شايع ڪيا ويندا. عريج فاطمه چيو ته ڪانفرنس ۾ ڪل ڏهه ويهڪون ٿينديون هن ڪانفرنس ۾ دنيا جي 12 ملڪن جي ماهرن ۽ محققن تحقيقي مقالن کي منظور ڪيو آهي ڪل 189 مقالا آيا هئا جن مان 61 پيش ڪيا ويندا. ڪانفرنس ۾ ملڪ جي مختلف اعلي تعليمي ادارن جا محقق ۽ اسڪالر پنهنجا پيپر پيش ڪري رهيا آهن هي ڪانفرنس شاگردن استادن ۽ اسڪالرن جي ڄاڻ ۽ تربيت لاءِ اهم ثابت ٿيندي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي حيدرآباد جي اسسٽنٽ ڪمشنر حسنين رضا چيو ته آئون مهراڻ يونيورسٽي جو المنائي آهيان هتان پڙهيو ۽ سکيو آهيان هتان اليڪٽرانڪس انجنيئرنگ ۾ ڊگري ورتي اڄ جي دور ۾ ٽيڪنالاجي اهم ضرورت آهي ڪانفرنس ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو ۽ فيڪلٽيز جي ڊينز شرڪت ڪئي.

ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽي ۾ انفارميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجيز تي ڪرايل عالمي ڪانفرنس ۾ مقرر خطاب ڪندي

سجاول ۾ پوليو مهم جي حوالي سان اهم اجلاس

پوليو مهم 2 فيبروري کان شروع ٿيندي، پورو هفتو جاري رهندي: ڊاڪٽر انور ميمڻ

مهم هڪ قومي فرض آهي جنهن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

سجاول (ڊ ر) پوليو مهم جي حوالي سان سول اسپتال سجاول ۾ ڊاڪٽر دين محمد ميمڻ جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ عالمي اداري صحت (ڊبليو ايڇ او) جي نمائندي ڊاڪٽر لائقا سول سرجن ڊاڪٽر محمد انور ميمڻ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي عبد الحميد ڪٽي، مذهبي اڳواڻن پوليس ايجوڪيشن، روينيو سميت مختلف کاتن جي آفيسرن ۽ پوليو ورڪرز شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر دين محمد ميمڻ ڊاڪٽر لائقه ۽ ڊاڪٽر محمد انور ميمڻ ٻڌايو ته پوليو مهم 02 فيبروري کان شروع ٿيندي، جيڪا پورو هفتو جاري رهندي هنن چيو ته پوليو مهم هڪ قومي فرض آهي جنهن کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو جيئن پنجن سالن تائين جو ڪو به ٻار پوليو جي قطرن کان محروم نه رهي. هنن وڌيڪ چيو ته گڏيل ڪوشش سان پوليو جهڙي موذي مرض جو مڪمل خاتمو ممڪن آهي، ان لاءِ والدين، علماءِ ڪرام سرڪاري ادارن ۽ سماج جي هر طبقي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڀرپور سهڪار جو يقين ڏياريو.

سجاول پوليو مهم جي حوالي سان اجلاس ٿي رهيو آهي

شاهپورجهانيان ۾ ”پيغام لطيف“ جي عنوان سان لطيفي ميلو

شاگردن ۽ شاگرديائين بهترين نموني سان ڀٽائي جي شاعري معنيٰ سان ٻڌائي

مهمانن اسٽالن جو وزٽ ڪري، ٻارن کان سنڌي اسٽالن بابت شاعري ٻڌي ۽ داد ڏنو

شاهپورجهانيان (ن ع) شاهپورجهانيان پرسان سنڌو درياهه جي ڪپ تي آباد يوسي لليا جي ڪچي واري علائقي جي ڳوٺ بجراڻي لغاري ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت هلندڙ جاڳرتا پبلڪ اسڪول ۾ سماجي اڳواڻ علائقي ۾ مسڪين جهان خان کوسو واري نالي سان سڃاتو ويندڙ استاد مسڪين محمود لغاري ۽ لطيف جي بيتن جي پارکو ڪامريڊ ڪومل لغاري پاران سنڌ جي آفاقي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 30 سرن تي ”پيغام لطيف“ جي عنوان سان لطيفي ميلو لڳايو ويو اسڪول جي ڀتين کي ثقافتي ٽڪ جي رلين سهڻين ڏيکين اجرڪن ۽ پيغام لطيف جي بينرن سان سجايو ويو لطيفي ميلي ۾ استادن شاگردن اديبن ليکڪن صحافين شاعرن ۽ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 30 سرن تي لڳايل ميلي ۾ هر هڪ اسٽال تي شاگردن ۽ شاگرديائين بهترين نموني سان ڀٽائي جي شاعري معنيٰ سان ٻڌائي، آيل مهمانن اسٽالن جو وزٽ ڪري، ٻارن کان سنڌي اسٽالن بابت شاعري ٻڌي ۽ شاگردن توڙي شاگرديائين کي خوب داد ڏنو.

خيرپور ۾ آل سنڌ فوتي ڪوٽا ايڪشن ڪميٽي جي ريلي

نيشنل بينڪ موڙ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

خيرپور (ڊ ر) آل سنڌ فوتي ڪوٽا ايڪشن ڪميٽي ضلع خيرپور جي اڳواڻن ڪامريڊ شهباز ڦلپوٽو سجاد سمنگ،علي عرفان وسان، عمران ڪڱڻ مهتاب چاڪراڻي سجاد علي ابڙو زين العابدين امجد بڙدي ۽ ٻين نيشنل بينڪ موڙ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سول سروينٽ 1973 جي آئين جي لتاڙ ڪندي سنڌ حڪومت فوتي ڪوٽا بند ڪري ڇڏيو آهي جنهن ڪري فوت ٿيندڙن فوتي ملازمن جي گهرن ۾ فاڪاڪشي واري صورتحال آهي پر سنڌ حڪومت پنهنجي ظلم ۽ ڏاڍ تي قائم آهي. مظاهرين چيو ته 11 ڊسمبر 2025 تي سپريم ڪورٽ حڪم جاري ڪندي پينڊنگ پيل سمورا فوتي ڪوٽا ڪيس بحال ڪري انهن کي نوڪري ڏيڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن. مظاهرين سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، چيف سيڪريٽري سنڌ سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو...

ڪوٽ غلام محمد لڳ هندو ناري پوجا ڪولهي جي مبينه اغوا خلاف احتجاج

ڊاڪٽر ذرڪڻ لغاري ۽ ٻين 16 ورهين جي پوجا ڪولهي کي اغوا ڪيو آهي: وارث

پوليس ڪيس داخل ڪرڻ بدران اسان کي ڌمڪيون ڏئي رهي آهي، پوليس چونڪي ڏانهن موڪلي ڇڏيو

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد لڳ ڳوٺ واگهريجي اسٽاپ ديهه 274 مان ٻه ڏينهن اڳ مبينا طور هٿيارن جي زور تي 16 سالا هندو ناري پوجا ڌي اومو ڪولهي کي اغوا ڪرڻ واري واقعي خلاف وارثن پاران پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن ۾ پوجا ڪولهي جو پيءُ اومو ڪولهي، امڙ شريمتي هيمي ۽ پاٿر پورو ۽ نيمو ڪولهي شامل هئا، جن الزام هنيو ته لغاري برادري سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر ذرڪڻ لغاري، ڪرامت لغاري ۽ واحد علي لغاري ٻه ڏينهن اڳ هٿيارن جي زور تي واڙي ۾ داخل ٿي پوجا کي اغوا ڪري ويا. ... واپس ڪرائڻ جو واعدو ڪري پوءِ اسان کي مبينا جعلي نڪاح نامو ڏيکاري خالي موٽائي ڇڏيو. احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته پوليس چونڪي انچارج جوابدارن کان ڀري رقم وٺي ڪين بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جڏهن ته ساڳئي لغاري برادري جا ماڻهو اڳ ۾ به هن ڳوٺ مان سنڌ ۾ نيائيون هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري کڻي ويا هئا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين واپس ٿيون آهن. هاڻي تين نيائي 16 سالا پوجا ڪولهي کي ٻه زبردستي اغوا ڪيو ويو آهي. وارثن چيو ته اسين غريب مسڪين مزدور ماڻهو آهيون جڏهن ته جوابدار بااثر ۽ پئسي وارا آهن جنهن ڪري پوليس اسان جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ جڏهن پوليس اسٽيشن ويا سون ته پوليس ڪيس داخل ڪرڻ بدران اسان کي ڌمڪيون ڏئي پوليس چونڪي ڏانهن موڪلي ڇڏيو جتي چونڪي انچارج ٻن ڪلاڪن اندر نيائي وس وارن اختيارين اعليٰ عملدارن ۽ انصاف فراهم ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته اغوا ۾ ملوث جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري نيائي کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

ڪوٽ غلام محمد هندو ناري پوجا ڪولهي جي مبينه اغوا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سوڀوديرو ۾ ڳوٺ واڻٽي جي رهواسين جو احتجاج

ڪچين جي باغ کي مخالفن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي: سائنه واڻٽي

زمين غير آباد پيل آهي ان کي پنهنجي ئي برادري جا ماڻهو آباد ڪرڻ نه ٿا ڏين

سوڀوديرو (ن ع) اسان جي زمين تي پوکيل ڪچين جي باغ کي مخالفن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي قتل سميت سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن تحفظ ۽ انصاف ڏنو وڃي مسمات سائنه واڻٽي اهڙو اظهار ڳوٺ واڻٽي جي رهواسين مسمات سائنه،زوهيب واڻٽي،عذرا واڻٽي جن پريس ڪلب راڻي پور پهچي احتجاج ڪندي چيو ته زرعي زمين غير آباد پيل آهي ان کي پنهنجي ئي برادري جا ماڻهو آباد ڪرڻ نه ٿا ڏين ۽ جهيڙي دوران 30 ناياب نسل جون مينهون ڪاهي ويا هئا جيڪي واپس نه ٿيون آهن مخالف ڳوٺ به نه ٿا اچڻ ڏين جنهن سبب دربدري ۽ خوف جي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون جڏهن ته فيصلي ٿيڻ جي باوجود ڪيسن تان پٺ هٽ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ۽ اسان جي خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن قتل جي خوف کان دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون مخالف قتل سميت سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ملڪي ادارا ۽ انساني حقن جون تنظيمون سختي سان نوٽيس وٺندي تحفظ ۽ انصاف ڏيڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

سوڀوديرو ڳوٺ واڻٽي جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

ڪلاپ ٽائون ۾ ٽيڪسن ۽ ٻين معاملن بابت اهم اجلاس

ٽائون ۾ ٽيڪس ريڪوري جي موجوده صورتحال بابت تفصيلي ڳالهيون

ٽيڪس ريڪوري بلدياتي نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم آهي: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ جي صدارت هيٺ گڏاپ ٽائون آفيس ۾ ٽيڪسن ۽ ٻين معاملن بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ گڏاپ ٽائون جي مختلف شعبن جي آفيسرن شرڪت ڪئي، جن ۾ ڊائريڪٽر ٽيڪس همايون عمران خان، ڊائريڪٽر پراپرٽي سهيل يار خان، ڊائريڪٽر پينشن جلال حنيف ۽ ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر شامل هئا. اجلاس دوران گڏاپ ٽائون ۾ ٽيڪس ريڪوري جي موجوده صورتحال، بقاياڻن نادهندگان ۽ درپيش انتظامي مسئلن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته ٽيڪس ريڪوري بلدياتي نظام کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انتهائي اهم آهي ۽ ان ۾ بهتري آڻي ٽائون جي آمدني وڌائي سگهجي ٿي. هن هدايت ڪئي ته ريڪوري جي عمل کي وڌيڪ مؤثر، شفاف ۽ منظم بڻايو وڃي، نادهندگان خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ عوام کي ٽيڪس ادا ڪرڻ جي اهميت بابت آگاهي ڏني وڃي. ساڳي وقت ايمانداري ٽيڪس ڏيندڙن کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن.ڊائريڪٽر ٽيڪس همايون عمران خان اجلاس کي آگاهه ڪندي چيو ته گڏاپ ٽائون ۾ ٽيڪس ريڪوري بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ جامع منصوبو تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ فيلڊ سروي، ڊيٽا جي اپڊيٽ ۽ نادهندگان جي سڃاڻپ شامل آهي. جڏهن ته ڊائريڪٽر پراپرٽي سهيل يار خان پراپرٽي رڪارڊ جي بهتري ۽ بقاياڻن جي وصولي لاءِ ڪنيل قدمن بابت آگاهي ڏني.اجلاس ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته سڀني لاڳاپيل کاتا باهمي سهڪار سان ٽيڪس ريڪوري جا هدف حاصل ڪندا، جيئن حاصل ٿيندڙ آمدني گڏاپ ٽائون ۾ ترقياتي منصوبن ۽ عوامي سهولتن تي خرچ ڪري سگهجي. ٽيڪس ريڪوري جي نظام کي وڌيڪ فعال بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو. ان موقعي تي چيئرمين جو پي ايس لعل جان نبي، علائقائي معزز شارخ بلوچ سميت ٻيا معزز شخصيتون پڻ موجود هيون.

ڪراچي ڪي ايم سي گڏاپ چيئرمين طارق عزيز بلوچ گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

جمعيت علماءِ اسلام تعلقي سجاول جي مجلسِ عاملہ جو اهم اجلاس

تعلقي جي موجوده صورتحال ۽ جماعت کي وڌيڪ فعال بڻائڻ بابت تفصيلي غور

جلد تعلقي سجاول جي سڀني يونٽن جو دورو ڪيو ويندو: اجلاس ۾ فيصلو

سجاول (ڊ ر) جمعيت علماءِ اسلام تعلقي سجاول جي مجلسِ عامله جو اهم اجلاس امير عبدالغني سومرو جي صدارت هيٺ مدرسہ الهاشميه سجاول ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ تنظيمي معاملن، تعلقي جي موجوده صورتحال ۽ جماعت کي وڌيڪ فعال بڻائڻ بابت تفصيلي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جلد تعلقي سجاول جي سڀني يونٽن جو دورو ڪيو ويندو ۽ جماعت کي مضبوط ۽ منظم ڪرڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي ويندي اجلاس کي خطاب ڪندي امير عبدالغني سومرو چيو ته ڪمند جي آبادگارن سان سخت ناانصافي ٿي رهي آهي جڏهن به ڪو فصل تيار ٿئي ٿو ته ان جو اگهه گهٽايو وڃي ٿو جنهن سان آبادگارن جو استحصال ٿي رهيو آهي هن چيو ته صبح جو هڪ اگهه مقرر ڪيو وڃي ٿو ۽ شام تائين ٻيو اگهه ڪيو وڃي ٿو جيڪو آبادگارن سان ظلم جي برابر آهي هن مطالبو ڪيو ته حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا فوري نوٽيس وٺن ۽ آبادگارن کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ جماعت آبادگارن سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ تي مجبور ٿيندي اجلاس ۾ مولانا محمد انور سومرو مولانا غلام حسين ميمڻ مولانا عبدالرزاق ڪٽي مولانا اشرف ميمڻ مولانا زبير سومرو محمد حنيف سومرو ۽ عبدالقادر سومرو شرڪت ڪئي.

خيرپور ۾ قومي ڪميشن براءِ انساني ترقي پاران تربيتي سيشن

فيلڊ آفيسرن کي تعليمي ايمرجنسي مهم جي مقصدن ۽ دائري بابت آگاهي

خواندگي ڪتابن بابت فني تربيت سميت خاص طور تي BOTOپروگرام تي زور

خيرپور (ڊ ر) قومي ڪميشن براءِ انساني ترقي (NCHD)، حڪومت پاڪستان، هيومن ڊيولپمينٽ سپورٽ يونٽ خيرپور پاران وزيراعظم جي روشن پاڪستان تعليمي ايمرجنسي مهم تحت قومي خواندگي پروگرام ۾ هڪ پڙهائي هر هڪ سيکاري (Bach One Teach One — BOTO)جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن جي تربيتي سيشن جو اهتمام ڪيو ويو. سيشن جو افتتاح مظهرالدين شيخ، ڊپٽي ڊائريڪٽر NCHDخيرپور ڪيو جن فيلڊ آفيسرن کي تعليمي ايمرجنسي مهم جي مقصدن ۽ دائري بابت آگاهي ڏني خاص طور تي BOTOپروگرام تي زور ڏنوخواندگي ڪتابن بابت فني تربيت رضا حسين وساڻ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لٽريسي ۽ سردار سومرو فيلڊ آفيسر پاران ڏني وئي،غلام مصطفيٰ جسڪاڻي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن فيلڊ آفيسرن کي اڻ پڙهائي جي خاتمي لاءِ BOTOخواندگي مرڪزن جي قيام جا هدف مقرر ڪيا.

مٽياري ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سخت ڪوهيڙو ڇانيل

ڪوهيڙو ڇانيل رهڻ سبب سردي ۾ واضح اضافو، حدِ نظر تمام گهٽ ٿي وئي

نيشنل هاءِ وي تي موٽر وي پوليس پاران گاڏين کي فوگ لائيٽون ٻارڻ جون هدايتون

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سخت ڪوهيڙو ڇانيل رهڻ سبب سردي ۾ واضح اضافو ٿي ويو ڪوهيڙي سبب حد نظر تمام گهٽ ٿي ڪوهيڙي سبب اسڪولن ۾ شاگردن جي حاضري پڻ گهٽ نظر آئي ڪوهيڙي ۽ سرد موسم سبب شهرين کي آمدرفت ۾ ڪيترائي ماڻهو احتياطاً گهرن تائين...

مٽياري ضلعي ۾ ڊي سي پاران غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي

ضلعي ۾ هلندڙ غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام کي وڌيڪ تيز ڪري ان جي سخت نگراني ڪئي وڃي: ڊي سي

اڄوڪي مهانگائي جي هن دور ۾ گهڻي پاڳي غريب ماڻهو غذائي ڪوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن: محمد يوسف شيخ

غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام کي اثرائتو بڻايو وڃي ته جيئن ماڻهن کي ان مان لاڀ حاصل ٿي سگهي: گڏجاڻي ۾ هدايتون

مٽياري ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ اجلاس جي صدارت ڪندي

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ واسٽيڊار عملدارن کي هدايت ڪئي آهي ته ضلعي ۾ هلندڙ غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام کي وڌيڪ تيز ڪري ان جي سخت نگراني ڪئي وڃي ته جيئن ان جا نتيجا جلد سامهون اچن اهڙي هدايت هن اڄ لطيف هال مٽياري ۾ غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين جو جائزو وٺڻ لاءِ سڏايل گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڏني. ... غذائي ڪوٽ ۽ ممتا پروگرام کي اثرائتو بڻايو وڃي ته جيئن ماڻهن کي ان مان لاڀ حاصل ٿي سگهي. ... ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر ممتا پروگرام عابده نويد ٻڌايو ته ممتا پروگرام تحت ڳورهاڻين ۽ ٻارن کي کير پياريندڙ عورتن کي بينڪ الفلاح ذريعي 30 هزار رپيا امداد ڏني پئي وڃي جنهن جو مقصد زندگي جي پهرين 1000 ڏينهن دوران ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي بهتر بڻائڻ ۽ سماجي تحفظ جي نظام کي مضبوط ڪرڻ آهي جڏهن ته هن مهل تائين 34,666 عورتن کي ممتا پروگرام تحت رجسٽرڊ ڪيو ويو آهي ڊئل بريفنگ تي پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪندي ڊپٽي ڪمشنر مٽياري سمورن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته آگاهي ۽ رجسٽريشن جون سرگرميون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن جڏهن ته مستحق عورتن کي ادائگي بغير ڪنهن ڪٽوتي جي ڪئي وڃي.گڏجاڻي ۾ سمورن واسٽيڊارن عملدارن شرڪت ڪئي.

گڏيجي لڳ اڌ صدي کان قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي ۾ سهولتن جي اڻاٺ

گورنمينٽ پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي ۾ استادن، فرنيچر، چوديواري ۽ پيئڻ جي پاڻي جي شديد ڪوٽ

چار سال اڳ چوديواري ڊهڻ جي ڪري اسڪول رات جو آوارا جانورن جو آستان بڻيل، صفائي جو بندوبست پڻ اٿيورو

اسان جو قديمي اسڪول آهي جنهن ۾ اڄ جي جديد دور ۾ استادن جي کوٽ سان گڏ مسئلن جي ور چڙهيل آهي: رهواسي

گڏيجي (ن ع) گورنمينٽ پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي 1972ع ۾ قائم ڪيو ويو جيڪو حڪومتي عدم توجهه سبب گڏيجي جي اسڪول ۾ استادن، فرنيچر، پيئڻ جي پاڻي جي سهولت ۽ 2022 جي مهانگائي برسات ۾ چوديواري ڊهڻ جي ڪري رات جو آوارا جانور جو موجود هجڻ ڪري صفائي جو بندوبست اٿيورو ڳوٺ سائينداد سولنگي ڳوٺ ... ڳالهائيندي چيو ته گورنمينٽ پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي قديمي اسڪول آهي جنهن ۾ اڄ جي جديد دور ۾ استادن جي کوٽ سان گڏ مسئلن جي ور چڙهيل آهي ... هن معاشري جي هرفرد جو بنيادي حق آهي پر اسڪول ۾ پٽيوالوچوڪيدار نه آهي 2022 جي مهانگائي برسات ۾ اسڪول جي چوديواري ڪري پئي هئي جيڪا اڄاڻ تائين ڪنهن به نه تعمير ڪرائي آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته جلد اسڪول جا مسئلا حل ڪيا وڃن.

گڏيجي.... پرائمري اسڪول سائينداد سولنگي جي ڊٺل ديوار ڪريل نظر اچي رهي آهي

سکر سميت سنڌ ۾ فلور مل مافيا اٽي جي قيمت 5 هزار روپيا في مڻ ڪري ڇڏي

آبادگارن کان گهٽ اگهه ۾ خريد ڪيل ڪڻڪ جي اٽي جي قيمت 5 هزار روپيا في مڻ ڪرڻ سبب عوام پريشان

سکر جي ڪيترن ئي دڪانن تي 140 ۽ 150 روپيا في ڪلو اٽو وڪامڻ لڳو، غريب ۽ پورهيت طبقو سخت پريشاني جو شڪار

جهولي لعل فلور مل جي اڳواڻ سريش ڪمار ۽ ان جي وائن پاران صحافين سان بداخلاقي ڪرڻ سميت موقف ڏيڻ کان ڪتو جواب

سکر (بيورو رپورٽ) سکر سميت سنڌ ۾ فلور مل مافيا پاران آبادگارن کان گهٽ اگهه ۾ خريد ڪيل ڪڻڪ جي اٽي جي قيمت 5 هزار روپيا في مڻ ڪري ڇڏي آهي. سکر جي ڪيترن ئي دڪانن تي 140 ۽ 150 روپيا في ڪلو اٽو وڪامڻ لڳو، جنهن ڪري پورهيت طبقو سخت پريشاني جو شڪار آهي. پر انتظاميه هن وقت تائين خاموش تماشائي بڻيل آهي. ان سلسلي ۾ ميڊيا ورڪر سکر ۾ اٽي جو ريٽ مقرر ڪندڙ بااثر سريش ڪمار کان موقف وٺڻ لاءِ روهڙي ۾ مال پڙي سامهون جهولي لعل فلور مل تي پهتا ته منافعي خور مل مافيائن جي اڳواڻ سريش ڪمار ۽ ان جي وائن پاران صحافين سان بداخلاقي ڪرڻ سميت موقف ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏنو. جتي آبادگارن کان ڪڻڪ 22 سو روپين ۾ في مڻ خريد ڪرڻ باوجود اٽو 5 هزار روپين ۾ في مڻ مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن سان عام عوام سخت مهانگائي جي ڏباءُ هيٺ اچي ويو آهي. جڏهن ته فوڊ کاتي پاران به 32 سو روپيا في مڻ ڪڻڪ فلور ملن کي سپلائي ڪري رهيا آهن تنهن هوندي به فلور مل مالڪن منافع خورمارڪيٽ ناهي عوام سان کلي بدماشي ڪئي آهي. جنهنڪري روزمره جي خوراڪ اٽي جو خرچ وڌو ٿي ويو آهي. ماڻهن جو چوڻ آهي ته اٽي جي اهڙي واڌو قيمت سان روزانو بنياد تي غريب ماڻهو سخت متاثر ٿي رهيو آهي ۽ خاص ڪري غريب طبقي لاءِ اٽو جي قيمت جو پنج هزار روپيا في مڻ مقرر ڪرڻ ناقابل قبول آهي. سماجي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته اهو قدم مارڪيٽ جي غيرمناسب ڪنٽرول ۽ اسٽاڪ هولڊنگ جي ڪري ممڪن ٿيو آهي. جتي ڪڏيل طور تي منافع خورن فلور مل مالڪن جي عدم شفافتي پاليسين جي ڪري عوام کي وڌيڪ رقم خرچ ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. عوام پاران حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته سکر سميت پوري سنڌ ۾ فلور ملن ۽ منعافي خور واپارين خلاف سخت قدم کنيا وڃن ته جيئن عوام جي بچت ۽ خوراڪ جي استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي. هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته جيڪڏهن اٽو جي منڊي تي ڪنٽرول ۽ ضابطا لاڳو نه ڪيا ويا ته مهانگائي ۾ واڌ جاري رهندي ۽ ان جو اثر بنيادي خوراڪ جي شين تي به پئجي سگهي ٿو موجوده معاشي حالتن ۾ عوام مطالبو ڪري رهي آهي ته حڪومت فلور ملز تي ٽيڪسيشن يا مناسب حدن تي قيمتن جي پابندي لاڳو ڪري ته جيئن اٽو جي قيمت عوام جي پهچ ۾ رهي.

گهوٽڪي ۾ پ پ پ ضلع صدر پاران سي سي پيور اسڪيم جو افتتاح

پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت جي سياست تي يقين رکي ٿي: بابر لنڊ

ڀهراڙي وارن علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي پارٽي جي اولين ترجيح آهي

گهوٽڪي (ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي گهوٽڪي جي صدر ۽ وائس چيئرمين ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي مير بابر علي خان لنڊ يوسي ڳوڙهي چاڪر جي ڳوٺ شوڪت علي ڪبول ۾ ترقياتي منصوبي سي سي پيور اسڪيم جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڳالهائيندي مير بابر علي خان لنڊ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي خدمت جي سياست تي يقين رکي ٿي ۽ ڀهراڙي وارن علائقن ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي پارٽي جي اولين ترجيح آهي هن چيو ته سي سي پيور جي تعمير سان علائقي جي رهواسين کي آمدرفت ۾ سهولت ملندي ۽ ڳوٺ جي مجموعي ترقي ۾ واڌارو ايندو هن وڌيڪ چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ ترقياتي ڪمن جو چار وڇايو پيو وڃي ضلعي ڪائونسل جا وسيلا عوام جي امانت آهن جيڪي ايمانداري سان عوامي ڀلائي تي خرچ ڪيا پيا وڃن افتتاحي تقريب ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ علائقي جي رهواسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي علائقي جي ماڻهن ترقياتي منصوبي جي افتتاح تي مير بابر علي خان لنڊ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به اهڙا عوامي مفاد جا منصوبا جاري رهندا.

گهوٽڪي پ پ پ گهوٽڪي جو صدر مير بابر علي خان لنڊ اسڪيم جو افتتاح ڪندي

سڪرنڊ پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

سڪرنڊ (ن ع) جسقم جي مرڪزي ترجمان اڳواڻ آصف رضا مگسي ۽ شاهه محمد مگسي پاران سڪرنڊ جي ڳوٺ ڏڙي مگسي ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو ۽ سنڌ جي قديم ثقافت ۾ شمار مچ ڪچهري جو گڏيل پروگرام ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ آفتاب احمد مگسي، محسن زرداري، حاجي الهه بخش لاکو عابد علي زرداري، غلام حيدر سولنگي، نور احمد لاکو غلام نبي ملاح، فتح محمد مگسي، مسعود شاهه ڪامريڊ عبدالغني مگسي، نورالنبي جمالي عطا محمد سيال، عبيد چانڊيو سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته مهمانن کي مان ڏيڻ ۽ مچ ڪچهري سنڌ جي قديم ثقافت جو حصو آهي اسين شڪر گذار آهيون پاءِ آصف رضا مگسي ۽ شاهه محمد مگسي جا جن خوشيون ورهائڻ لاءِ شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اوطاقون ۽ ڪچهريون توڙي جو هزارين سال پراڻي روايت ۽ ثقافت آهي پر بد قسمتيءَ سان رياست جي ناڪامي ۽ غلط پاليسين سبب سنڌ ڏاڙيلن هٿان يرغمال ٿي وئي جنهن سبب هر هنڌ خوف و هراس سبب سنڌ جون اوطاقون ويران ٿي ويون جنهن سبب محبتن ۾ پڻ ڪمي آئي آهي هنن اهو به چيو ته اوطاقون ٿان محبتن جا پيغام پکڙيا هئا ۽ روساما ختم ڪيا ويندا هئا جنهن جي هن وقت ڪوٽ محسوس ٿي رهي آهي پر ڀهوڙا آجياڻا ۽ ڪچهريون هڪ ٻيرو ٻيهر محبتون قائم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿيون ان کان اڳ آصف رضا مگسي آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو مچ ڪچهريءَ جي پڄاڻيءَ تي سنڌي ڪلاڻ ۽ سياري جي سوغات سان شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي ان موقعي تي حاجي عبدالله مگسي، رضا محمد سيال ڏيشان سومرو عدنان خانزادو، منصور لغاري احسن رضا پٽي عبدالغني مگسي صدرالدين ڪيريو ذوالفقار مگسي، تاج محمد مگسي، ڊاڪٽر سجڻ مگسي، جاويد علي مگسي، قاضي جاويد سنائي ۽ ٻيا موجود هئا ان موقعي تي غلام مرتضيٰ مگسي ۽ غلام محي الدين مگسي آيل مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جي دوستن کي لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا.

اوڏيرولال لڳ ڳوٺ پير نور شاهه مان رات دير سان مينهن چوري

واڙي تي ڌاڙو هڻي هڪ مينهن چوري ڪري ڏڳي کي مبينا زهر ڏئي ماري ويا

رات دير سان نامعلوم چور 8 لک رپين جي ڀلوڙ مينهن چوري ڪري فرار ٿي ويا: پاڳيو

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد واري ڳوٺ پير نور شاهه مان رات دير سان نامعلوم چور پير غازي جي هارين جي واڙي تي ڌاڙو هڻي هڪ مينهن چوري ڪري ويا هڪ ڏڳي کي مبينا زهر ڏئي ماري ويا متاثر هارين پير ساجد، احمد هنگورو ۽ جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته رات دير سان نامعلوم چور 8 لک رپين جي ڀلوڙ مينهن چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته هڪ پلي نسل جي ڏڳي کي زهر ڏئي ماري ڇڏيو آهي اطلاع باوجود پوليس واقعي واري هنڌ پهچي آهي انهن وڌيڪ چيو ته اڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ چورين ۽ ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن پوليس ڪک پچي ٻيٺو نه ٿو ڪري اسان ڳوٺاڻا پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ ناهيون ڳوٺاڻن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو آهي اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ چورين جي آزار جو نوٽيس وٺي چوري ۾ ملوث جوابدار جلد گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي.

قبوسعيدخان ۾ شهداءِ سيوهڻ جي ورسي جون تياريون مڪمل

شيعا علما ڪائونسل پاران باءِ پاس ڪچي پل تي پينافليڪس لڳايا ويا

هر سال جيان هن سال به لعل شهباز جي نگري ۾ ورسي ملهائي ويندي: اڳواڻ

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شيعا علما ڪائونسل تعلقہ قبوسعيدخان جي طرفان شهداءِ سيوهڻ جي ورسي جي حوالي سان تعلقي قبو سعيد خان جي مختلف شهرن ۾ شهداءِ سيوهڻ جي ورسي جي حوالي سان ڪچي پل قبوسعيدخان جي سٽين ۾ ۽ باءِ پاس ڪچي پل تي پينافليڪس لڳايا ويا ان موقعي تي شيعا علما ڪائونسل تعلقہ قبو سعيد خان جي صدر خادم حسين جاگيراڻي سجاد علي جاگيراڻي محمد عرفان مگسي ضامن علي، سعيد علي جاگيراڻي سلمان علي ڪوس سلمان جاگيراڻي ۽ ٻين چيو ته لعل شهباز جي نگري تي ٿيل خودڪش حملي ۾ شهيد ٿيندڙن جي ياد ۾ هر سال جيان هن سال به لعل شهباز جي نگري ۾ ورسي ملهائي ويندي جنهن ۾ هزارين ماڻهو شرڪت ڪندا ۽ ان ورسي جي جلسي ۾ قائد ملت جعفريه علامه سيد ساجد علي نقوي خطاب ڪندو جي تعلقي قبو سعيد خان سميت سڄي ضلع قمبر شهدادڪوٽ مان سوين ماڻهو شرڪت ڪندا ۽ پنهنجي قائد محبوب جو خطاب ٻڌندا هنن وڌيڪ چيو ته ايران جي معاملي تي مسلمان ملڪن جي خاموشي سمجهه کان ٻاهر آهي سڀني کي گڏجي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف آواز بلند ڪرڻ گهرجي.

ملي ۾ استاد گل محمد بجير جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي تقريب جو اهتمام

ملي (ڊ-ر) گورنمينٽ هاءِ اسڪول ملي ۾ استاد گل محمد بجير جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سنڌس خدمتن کي مڃتا ڏيڻ جي لاءِ هڪ باوقار تقريب جو اهتمام ڪيو ويو تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر شمس الدين راڻو ارحن لال سوکهڻ،ماما وشن ٿري، ايڊوڪيٽ سبحان سميجو ٽي اي او عطا الرحمان غلام محمد محمداڻي تاج محمد بجير هدايت الله بجاڻي ڪيلا لوڌا، جيتيش راڻي اسلم بجير ايڊووڪيٽ عاشق علي، نياز محمد، اڪرم لاهوتي سجاد خميساڻي هنيش راڻي گيتو مل باغ علي خميساڻي ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ملي جي استاد...

سماجي برائين کان توبهه ڪري باعزت زندگي گذارڻ چاهيان ٿو پوليس تنگ پئي ڪري: الطاف حسين کوسو

سکر (بيورو رپورٽ) سماجي برائين کان توبهه ڪري باعزت زندگي گذارڻ چاهيان ٿو پوليس ڪوڙا ڪيس داخل ڪري رهي آهي الطاف حسين کوسو جي سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڳوٺ حاجي بلاول خان کوسو جي رهواسي الطاف حسين ولد بشير احمد کوسو پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سماجي برائين خاص طور منشيات فروشي جهڙي لعنت کان مڪمل طور نجات حاصل ڪري چڪو آهي ۽ هاڻي پنهنجي ٻارڙن سان گڏ باعزت ۽ پرامن زندگي گذارڻ چاهيان ٿو الطاف حسين کوسو چيو ته ماضي ۾ هن کان سنگين غلطيون ٿيون جن ۾ منشيات ۽ ٻيون سماجي برايون شامل هيون پر هو ڪافي عرصو اڳ انهن سڀني ڪمن کي الوداع چئي چڪو آهي جنهن جا شاهد سنڌس ڳوٺ وارا پاڻ آهن هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ان باوجود پوليس مختلف الزام لڳائي بار بار گرفتار ڪري ٿي ۽ مٿس منشيات فروشي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا وڃن ٿا، جنهن سبب هن ۽ سنڌس ٻارن جي زندگي عذاب بڻجي وئي آهي هن قرآن پاڪ ۽ پنهنجي معصوم ٻارن جو واسطو ڏيندي چيو ته هو سچ ڳالهائي رهيو آهي ۽ مستقبل ۾ ڪڏهن به انهن برائين ڏانهن واپس نه ويندو الطاف حسين کوسو جو چوڻ هو ته هن اهو فيصلو پنهنجي ٻارن جي روشن مستقبل، سٺي تعليم ۽ بهتر زندگي لاءِ ڪيو آهي ته جيئن هو معاشري جا ڪارآمد شهري بڻجي سگهن هن واضح اعلان ڪيو ته اڄ کان پوءِ سنڌس ڪنهن به اهڙي پاءِ يا مائٽ سان ڪو به تعلق يا واسطو نه هوندو جيڪو منشيات فروشي يا ڪنهن به غيرقانوني سرگرمي ۾ ملوث هجي پريس ڪانفرنس دوران الطاف حسين کوسو سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کي ڀرپور اپيل ڪئي ته سنڌس خلاف مڪمل ۽ شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۽ ڳوٺاڻن کان معلومات ورتي وڃي جيڪڏهن هو ڪنهن به ڏوهه ۾ ملوث ثابت ٿئي ته ڪيس قانون موجب سزا ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ ڪيس ۽ سنڌس معصوم ٻارن کي جيئڻ ۽ باعزت زندگي گذارڻ جو حق ڏنو وڃي هن مطالبو ڪيو ته سائيٽ ايريا...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 16 جنوري 2026ع

بلاول ڀٽو جو ٿرپارڪر ۾ اهم خطاب

سنڌ جي سياست، وسيلن ۽ اختيارن بابت بحث هڪ ڀيرو ٻيهر شدت اختيار ڪري ويو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ طرفان ٿرپارڪر ۾ ڏنل تازو بيان رڳو هڪ سياسي خطاب نه پر وفاقي ڍانچي، آئين جي روح ۽ صوبائي حقن بابت اهم سوال اٿاري ٿو. بلاول ڀٽو زرداري جو اهو چوڻ ته ’سنڌ خلاف خاص مهم هلائي پئي وڃي ته اختيار اسلام آباد کي ڏنا وڃن‘ دراصل اُن خدشي جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو سنڌ سميت ٻين ننڍين صوبن ۾ گهڻي عرصي کان موجود آهي. 18هين آئيني ترميم پاڪستان جي وفاقي نظام ۾ هڪ اهم سنگ ميل سمجهي وڃي ٿي، جنهن تحت صوبن کي پنهنجا آئيني، انتظامي ۽ مالي اختيار مليا. پر گذريل ڪجهه سالن کان بار بار اهڙا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن، جيڪي هن ترميم کي ڪمزور ڪرڻ يا اختيار واپس مرڪز ڏانهن کڻڻ جي ڳالهه ڪن ٿا. بلاول ڀٽو زرداري جو چوڻ آهي ته سنڌ سرڪار خلاف ’ڪوڙو بيانيو‘ جوڙيو پيو وڃي ته جيئن اهو تاثر ڏنو وڃي ته صوبو پنهنجا اختيار صحيح نموني استعمال نه ڪري سگهيو آهي. حقيقت اها آهي ته اهڙو بيانيو رڳو سياسي مفادن لاءِ نه پر صوبائي خودمختياري تي سڌي ضرب آهي. ٿرپارڪر، جيڪو ڊگهي عرصي تائين غربت، ڏڪار ۽ محرومين جي علامت رهيو، اڄ بلاول ڀٽو زرداري جي لفظن ۾ اُن ڪوڙي بيانيي جو بهترين جواب بڻجي چڪو آهي. ٿر ۾ ڪوئلي جا وسيلا ڪنهن کان لڪل ناهن. اهو چوڻ ته ’ٿر ۾ ايترو ڪوئلو آهي جيترو سعودي عرب وٽ تيل‘ شايد تشبيهه هجي پر اها تشبيهه سنڌ جي معاشي صلاحيت کي چٽي نموني ظاهر ڪري ٿي. سوال اِهو ناهي ته وسيلا موجود آهن يا نه، سوال اِهو آهي ته انهن کي استعمال ڪرڻ جي اجازت ۽ آزادي ڪيتري ملي؟ محترمه بينظير ڀٽو جي دور کان ٿر ڪوئلي تي ڪم شروع ٿيو پر سياسي سازشن، بيوروڪريٽڪ رڪاوٽن ۽ مرڪزي مداخلتن سبب ان منصوبي کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو ويو. ان جي باوجود، جڏهن پيپلز پارٽي کي موقعو مليو ته ٿر ڪوئلو رڳو نه رڳو علائقي ۾ معاشي انقلاب آندو پر فيصل آباد جهڙن صنعتي شهرن کي به فائدو پهچايو. اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جيڪڏهن صوبن کي پنهنجا وسيلا استعمال ڪرڻ ڏنا وڃن ته ان جا فائدا سڄي ملڪ تائين پهچي سگهن ٿا.

تعليم جي شعبي ۾ به سنڌ حڪومت جون ڪوششون نظرانداز نٿيون ڪري سگهجن. بلاول ڀٽو زرداري جو اهو چوڻ ته 2008ع کان وٺي سنڌ ۾ يونيورسٽين جو انگ ٻيڻو ڪيو ويو آهي، هڪ اهم حقيقت آهي. مٺي ۾ اين اي ڊي يونيورسٽي جي نئين ڪيمپس، ٿر انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي جو قيام، رڳو هڪ عمارت نه پر اميدن جو مرڪز آهي. ٿر جهڙي ڏورانهين علائقي ۾ اعليٰ تعليم جا موقعا پيدا ڪرڻ سماجي انقلاب کان گهٽ ناهي. واعدو ڪيو ويو آهي ته هن ڪيمپس کي مستقبل ۾ مڪمل مادر علمي جو درجو ڏنو ويندو، جيڪو مقامي نوجوانن لاءِ روشن مستقبل جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو. صحت، تعليم ۽ سماجي ڀلائي جي شعبن ۾ پيپلز پارٽي پاڻ کي ’غريب دوست ۽ عوام دوست‘ حڪومت طور پيش ڪري ٿي. حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ ڪيترائي سماجي تحفظ جا پروگرام، صحت ڪارڊ ۽ تعليمي سڌارا اهڙا آهن، جيڪي سڌي طرح عام ماڻهو جي زندگي تي اثرانداز ٿيا آهن. يقيناً هر حڪومت ۾ خاميون به ٿينديون آهن. پر رڳو خامين کي بنياد بڻائي صوبائي اختيار واپس وٺڻ جو جواز پيدا ڪرڻ دانشمندي ناهي.

بلاول ڀٽو زرداري جو خطاب هڪ واضح پيغام ڏئي ٿو ته سنڌ جي ترقي جو رستو اسلام آباد مان اجازت وٺڻ سان نه پر مقامي ضرورتن ۽ وسيلن جي بنياد تي طئي ٿيندو. وفاق مضبوط تڏهن ٿيندو جڏهن صوبا مضبوط هوندا. جيڪڏهن صوبن کي پنهنجا وسيلا استعمال ڪرڻ کان روڪيو ويندو ته نه رڳو معاشي ترقي سست ٿيندي، پر وفاقي هم آهنگي به خطري ۾ پئجي ويندي. بهرحال، ٿرپارڪر جو مثال اهو سيکاري ٿو ته اختيارن جي ورهاست، وسيلن جي منصفاڻي استعمال ۽ سياسي نيت صاف هجي ته ڏڪاريل زمين به اميدن سان سرسبز ٿي سگهي ٿي. سنڌ خلاف هلندڙ ڪنهن به مهم جو جواب دليلن، ڪارڪردگي ۽ عوامي اعتماد سان ئي ڏنو وڃي ٿو ۽ ٿرپارڪر ان جو زنده مثال بڻجي چڪو آهي.

آئيني جي اڳيان: ڪوهيڙي جو قهر ۽ زندگيءَ جي اُبتر حالي!



حڪيم پريم چانڊوائي

ڪائنات جي وڏي ڪئنواس تي جڏهن به انساني زندگيءَ جو نقشو چٽيو ويو آهي ته اتي روشنيءَ سان گڏ اونداهيءَ جو ذڪر به لازمي رهيو آهي. پر هڪ حالت اهڙي به هوندي آهي، جيڪا نه مڪمل اونداهي آهي ۽ نه ئي مڪمل روشني، اها حالت آهي ”ڪوهيڙي“ جي.

عام انسانن جي خيال موجب وڌندڙ آلودگي، جنهن ۾ سڙڻ (سِڙون) جي ٻٽن، فصلن جي گندگاهه کي ساڙڻ سبب اٿندڙ دونهون ۽ فيڪٽرين مان نڪرندڙ دونهون انهيءَ ڪوهيڙي جو مکيه سبب آهي. تنهن ڪري انهيءَ تي ترت ڪنٽرول يا ضابطو ڪرڻ جي بيحد ضرورت آهي. ڪوهيڙي سبب انساني جانين سان گڏوگڏ فصلن ۽ قيمتي گاڏيون پڻ ضايع ٿي رهيون آهن ۽ سمورو ڪاروهنوار ٺپ ٿي وڃي ٿو. وڌيل سردي بيمارين جو ڪارڻ بڻجي ٿي ۽ انهن بيمارين سبب ڪيترائي قيمتي جانيون ضايع ٿين ٿيون.

ڪوهيڙو رڳو موسم جو نالو ناهي پر هيءَ هڪ اهڙي ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪا جڏهن اکين جي اڳيان اچي ٿي ته واٽون مٽجي وڃن ٿيون ۽ جڏهن ذهن تي طاري ٿئي ٿي ته شعور جا ڏيئا اُجهامي وڃن ٿا.

ڪوهيڙو: هڪ خاموش قاتل. فطرت جي اصولن موجب ڪوهيڙو پاڻيءَ جي ننڍڙن قطرن جو اهو ميڙ آهي، جيڪو ڏسڻ جي قوت کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. پر جيڪڏهن ان کي سماجي تناظر ۾ ڏسجي ته اسان جي سماج ۾ اڄ هڪ اهڙو ڪوهيڙو پکڙيل آهي، جنهن ۾ سچ ۽ ڪوڙ ختم ٿي ويو آهي. جڏهن انسان کي اها خبر نه پوي ته سندس اڳيان ڪهڙو رستو آهي ۽ ڪهڙي منزل ته اها ڪيفيت جان وڃائڻ جي برابر آهي.

ذهني ڪوهيڙو: جڏهن انسان وسوسن، خوف ۽ نااميديءَ جي گهيري ۾ اچي وڃي.
سماجي ڪوهيڙو: جڏهن بي حسي ايتري وڌي وڃي جو مظلوم جي دانهن به ٻڌڻ ۾ نه اچي.
اخلاقي ڪوهيڙو: جڏهن ضمير تي مفادن جا پردا چڙهي وڃن.

”ڪوهيڙي کي ڪيئن گهٽائجي؟“ هي سوال رڳو هڪ سوال ناهي پر هڪ درد آهي. اڄ جو انسان ٽيڪنالاجيءَ جي عروج تي هجڻ جي باوجود پاڻ کي اڪيلو ۽ اڻڄاتل رستن تي محسوس ڪري ٿو. اسان جون گهٽيون هجن يا اسان جون سوچون، هر هنڌ هڪ غبار آهي. هن غبار کي گهٽائڻ لاءِ جنهن سگهه جي ضرورت آهي، اها اسان جي اندر مان غائب ٿيندي پئي وڃي. ڇاڪاڻ ته ڪوهيڙي کي گهٽائڻ لاءِ رڳو سج جي تپش ڪافي ناهي هوندي پر انسان جي اندر جي ارادي جي گرمي به گهربل هوندي آهي.

اسان جي چوڌاري پکڙيل هي نااميديءَ جو ڪوهيڙو اسان کان اسان جا خواب کسي رهيو آهي. جڏهن رستا صاف نه هوندا آهن، تڏهن حادثا جنم وٺندا آهن. اهي حادثا رڳو روڊن تي ناهن ٿيندا پر اهي حادثا رشتن ۾، سوچن ۾ ۽ مقصدن ۾ به ٿين ٿا. جڏهن هڪ انسان ٻئي انسان جي تڪليف کي ڏسڻ کان قاصر ٿي وڃي ته سمجهو ته سماج تي ڪوهيڙو غالب اچي چڪو آهي.

زندگيءَ جو زوال ۽ بي چيني: جنهن تيزيءَ سان اسان جي زندگي بي مقصد ٿيندي پئي وڃي، ان جو وڏو سبب اها گهٽ ۽ ٻُوسٽ آهي، جيڪا انهيءَ ڪوهيڙي پيدا ڪئي آهي. انسان جي جان رڳو جسم مان روح نڪرڻ سان نه ويندي آهي پر جڏهن انسان جي اُميد ختم ٿي وڃي، جڏهن ان جي زندگيءَ مان اتساهه نڪري وڃي، تڏهن به هو هڪ زنده لاش بڻجي وڃي ٿو. ”ڪوهيڙو ٿو جان وڃائي“ هيءَ سِٽ اُن حقيقت جي عڪاسي ڪري ٿي ته جڏهن ابهام (Confusion) وڌي وڃي، تڏهن انسانيت جو ساهه گهٽجڻ لڳندو آهي. روڊ حادثن سبب ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. مهانگيون گاڏيون تباهه ٿي رهيون آهن.

روشنيءَ جي تلاش: هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته هن حبس مان نڪرڻ جو رستو ڪهڙو آهي؟ ڇا اسان ان ڪوهيڙي ۾ گم ٿي پنهنجو وجود مٽائي ڇڏينداسين يا وري ان کي گهٽائڻ لاءِ ڪا جاکوڙ ڪنداسين؟

علم ۽ شعور: رڳو علم ئي اهو سج آهي، جيڪو جهالت جي ڪوهيڙي کي ختم ڪري سگهي ٿو.

انساني همدردي: جڏهن اسين هڪ ٻئي جا مددگار بڻجنداسين ته اڪيلائيءَ جو ڪوهيڙو پاڻمرادو ختم ٿي ويندو.

مثبت سوچ: منفي سوچون اهي بادل آهن، جيڪي نظر کي ڌنڌلو ڪن ٿيون. سچ ۽ خيرخواهيءَ واري سوچ ئي صفائيءَ جو واحد ذريعو آهي.

مقصد: زندگي تمام خوبصورت آهي پر اها خوبصورتي تڏهن ئي نظر اچي

آمريڪا جي فضائن مان

ايران کي جنگ جي ڌمڪي، گرين لينڊ جي بساط ۽ ٽرمپ جي نفسياتي سياست!

راجا زاهد اختر خانزاده

ڊونلڊ ٽرمپ جا ايران بابت تازا بيان جيڪڏهن رڳو سُرخين جي حد تائين ڏٺا وڃن ته اُهي جنگ جي اڳڪٿي جهڙي ٻولي لڳن ٿا. بهرحال مون ٽرمپ جي لکيل 19 ڪتابن مان سندس مشهور تصنيفن جو مطالعو ڪيو آهي ۽ ساڳي وقت پنهنجي نيچرل ميڊيسن جي ڊگري دوران پنج سال انساني نفسيات به پڙهي آهي. هن وسيع مطالعي جي بنياد تي جيڪڏهن ٽرمپ کي سندس ڪتابن، سندس نفسيات ۽ سندس اڳوڻن ۽ موجوده صدارتي فيصلن جي تسلسل ۾ پڙهجي ٿو ته هڪ بلڪل مختلف تصوير سامهون اچي ٿي. The Art of the Deal ۾ ٽرمپ صاف لفظن ۾ لکي ٿو ته اصل طاقت حملي ڪرڻ ۾ ناهي پر ان خوف کي زنده رکڻ ۾ آهي ته حملو ڪنهن به لمحي ٿي سگهي ٿو. ايران خلاف سندس سخت ٻولي، فوجي اشارا ۽ پابندين جون ڌمڪيون انهيءَ نفسياتي دٻاءُ جو حصو آهن. هو ايران کي سڌي جنگ ۾ ڌڪڻ بدران ان هنڌ تي آڻڻ چاهي ٿو جتي هر فيصلو غير يقيني ۽ هر رستو مهانگو لڳي.

ٽرمپ جي پهرين صدارت ان ڳالهه جي شاهد آهي ته هو هميشه اهڙي جنگ کان پاسو ڪندو رهيو آهي جنهن جو انجام سندس ڪنٽرول کان ٻاهر هجي. قاسم سليماني جي قتل کانپوءِ آمريڪا ۽ ايران اهڙي موڙ تي اچي بيٺا هئا جتي مڪمل جنگ ممڪن هئي. پر ٽرمپ اهو قدم نه کنيو. هن ڄاڻي واڻي ڇڪتاڻ کي هڪ خاص حد تي روڪي ڇڏيو ڇو ته هو ڄاڻندو هو ته ايران سان مڪمل جنگ سڄي وچ اوڀر کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ويندي، عالمي تيل مارڪيٽ کي لوڏي ڇڏيندي ۽ آمريڪا کي هڪ ڊگهي مهانگي ۽ غير مقبول ٽڪراءَ ۾ ڌڪي ڇڏيندي. موجوده صدارتي دور ۾ به سندس انداز بنيادي طور ساڳيو آهي. البته ٻولي وڌيڪ بي خوف ۽ دٻاءُ وڌيڪ شديد ٿي چڪو آهي. سندس ڪتاب Crippled America ۾ بار بار اهو خيال ملي ٿو ته آمريڪا کي اهڙين جنگين کان بچڻ گهرجي جيڪي طاقت ڏيکارڻ بدران طاقت کي ڪمزور ڪري ڇڏين.

ايران جي معاملي ۾ ٽرمپ جي حڪمت عملي جنگ ناهي پر ٿڪاوٽ آهي. هو معاشي دٻاءُ، سفارتي اڪيلاپ، زباني ڌمڪين ۽ محدود فوجي اشارن وسيلي ايران کي لڳاتار دفاعي پوزيشن ۾ رکڻ چاهي ٿو. اسرائيل لاءِ به اهو ئي رستو وڌيڪ قابل قبول آهي ڇو ته مڪمل جنگ نه علائقي جي استحڪام ۾ آهي ۽ نه ئي اسرائيل جي ڊگهي مدي واري سلامتي ۾. هن پسمنظر ۾ ڏٺو وڃي ته ٽرمپ ايران سان جنگ ڪندو يا نه، ته نفسياتي ۽ تاريخي ٻنهي حوالن سان جواب اهو ئي نڪري ٿو ته هو جنگ کي آخري ۽ ناپسنديده آپشن سمجهي ٿو دٻاءُ کي نه. هن ئي نقطي تان جيڪڏهن تاريخ ڏانهن نظر وڌائجي ته آمريڪا جو زمين ۽ طاقت وسيلي پنهنجا مفاد اڳتي وڌائڻ جو تصور ڪو نئون ناهي. موجوده آمريڪا جون سرحدون ڪنهن فطري ارتقا جو نتيجو ناهن پر طاقت، معاهدن ۽ جنگين جي هڪ ڊگهي ڪهاڻي آهن. ٽيڪساس جو ميڪسيڪو کان الڳ ٿي آمريڪا ۾ شامل ٿيڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ ميڪسيڪو جي وسيع علائقن جو هٿ مان نڪري وڃڻ اڄ ڪيليفورنيا، ايريزونا، نيواڊا ۽ يوٽاه جي صورت ۾ نقشي تي چٽيل آهي. اهي علائقا خاموش نظر اچن ٿا پر انهن جي مٽيءَ ۾ طاقت جي سياست جون ليڪون اڃا به نقش آهن.

الاسڪا جو روس کان خريد ٿيڻ ۽ هوائي ٻيٽن جو آمريڪي رياست بڻجڻ به انهيءَ ئي ڪهاڻي جا مختلف باب آهن. ان وقت انهن فيصلن کي بيوقوفي چيو ويو، پر پوءِ اهي ئي زمينون تيل، گيس، سامونڊي رستن ۽ فوجي برتري جي حوالي سان آمريڪا لاءِ قيمتي اثاثا ثابت ٿيون. انهن سڀني مثالن ۾ هڪ ڳالهه گڏيل آهي ته طاقتور رياستون پنهنجي وقت جي عالمي اصولن کي پنهنجي مفاد موجب موڙينديون رهيون آهن. اها ئي حقيقت آهي جنهن کي ٽرمپ پنهنجي ڪتابن ۾ بغير ڪنهن هٻڪ جي تسليم ڪري ٿو ۽ جنهن کي هو ڪامياب رياستي حڪمت عملي سمجهي ٿو.

فرق رڳو اهو آهي ته اڄ جي دنيا اوڻيهين صديءَ جي دنيا ناهي. اڄ گڏيل قومن جو چارٽر، خود ارادِيت ۽ رياستي خودمختياري عالمي نظام جو بنياد سمجهيا وڃن ٿا. انهيءَ ڪري گرين لينڊ جهڙا معاملا رڳو سفارتي بحث ناهن رهندا، پر عالمي قانوني ۽ اخلاقي سوال بڻجي وڃن ٿا. گرين لينڊ جي سياسي قيادت جو اهو چوڻ ته اسان آمريڪي بڻجڻ نٿا چاهيون، پر گرين لينڊر رهڻ چاهيون ٿا، ڪو جذباتي نعرو ناهي پر هڪ آئيني حقيقت جو اظهار آهي. گرين لينڊ ڊنمارڪ اندر هڪ خودمختيار علائقو آهي جنهن کي اندروني معاملن ۾ وسيع اختيار حاصل آهن ۽ ان جو مستقبل ڪنهن ٻاهرين خواهش سان نه پر عوامي مرضي ۽ قانوني عمل سان جڙيل آهي.

گرين لينڊ جي اهميت ان جي تاريخ کان وڌيڪ ان جي جاگرافيا ۾ لڪل آهي. آرڪٽڪ هاڻي نقشي جو ڪنارو ناهي رهيو. موسمياتي تبديلي برف پگهلائي لڪيل نون سامونڊي رستن، ناياب معدنيات ۽ فوجي نگرانيءَ جي امڪانن کي نمايان ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي اهو هنڌ آهي جتي آمريڪا، چين ۽ روس جون نظرون هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿيون. واشنگٽن لاءِ گرين لينڊ رڳو هڪ ٻيٽ ناهي پر مستقبل جي قومي سلامتي ۽ عالمي مقابلي جو هڪ خاموش ستون بڻجندو پيو وڃي. جيڪڏهن ايران ۽ گرين لينڊ ٻنهي معاملن کي گڏ ڏٺو وڃي ته ٽرمپ جي نفسيات مڪمل طور بي نقاب ٿي وڃي ٿي. ايران جي معاملي ۾ هو جنگ بدران دٻاءُ کي ترجيح ڏئي ٿو ۽ گرين لينڊ جي معاملي ۾ قبضي بدران اثر رسوخ کي. هو ڄاڻي ٿو ته اڄ جي دنيا ۾ سڌي جنگ يا زبردستي الحاق نقصانڪار آهي پر ڊگهي مدي وارو دٻاءُ، معاشي انحصار، سيڪيورٽي جي موجودگي ۽ اسٽريٽجڪ ڀائيواري وسيلي بغير اعلان جي ڪنٽرول حاصل ڪري سگهجي ٿو. ٽرمپ جي ڪتابن جو گڏيل سبق اهو ئي آهي ته ڪامياب ڊيل اها هوندي آهي جنهن ۾ سامهون وارو پاڻ اهو سمجهڻ لڳي ته وٽس ڪو ٻيو رستو ناهي. ايران ۾ هو اهو تاثر پيدا ڪري رهيو آهي ته مزاحمت جي قيمت وڌندي پئي وڃي ۽ گرين لينڊ ۾ هو اهو ماحول ٺاهڻ چاهي ٿو ته آمريڪي دائري جي اثر کانسواءِ مستقبل غير يقيني آهي. انهيءَ ڪري هو نه ته ايران سان فوري جنگ ڪندو ۽ نه گرين لينڊ کي قانوني طور ضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. هو ٻنهي کي وقت، دٻاءُ ۽ ڪنٽرول جي دائري ۾ رکندو.

اها ئي ٽرمپ جي نفسيات آهي. هو تاريخ کي ورجائي ٿو پر ان کي نون لفظن ۽ نون طريقن سان لکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس نظر ۾ سڀ کان وڏو خطرو زمين وڃائڻ ناهي پر اختيار وڃائڻ آهي. ايران هجي يا گرين لينڊ، ٽرمپ جي نئين بساط جو هر خانو انهيءَ هڪ اصول جي چوڌاري گهمي ٿو ته ڪنٽرول سندس هٿ ۾ رهي ڀلي ان لاءِ جنگ به نه ڪرڻي پوي.

تحريڪِ انصاف جا اَڻ وڻندڙ رويا...!

احسان ابڙو

خيبر پختونخوا جو وزيراعليٰ سهيل آفريدي ڪجهه ڏينهن اڳ ٽن ڏينهن جي دوري تي سنڌ آيو ته سنڌ حڪومت طرفان صوبائي وزير ۽ پيپلز پارٽي ڪراچي ڊويزن جي صدر سعيد غني پاران سرڪاري وفد سان گڏ نه رڳو وزيراعليٰ خيبر پختونخوا جو هوائي اڏي تي استقبال ڪيو ويو پر ڪيس سنڌ جي روايتي سوکڙي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي به تحفي ۾ ڏني وئي. سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت جي هن جمهوريت پسند رويي ۽ ڪي پي ڪي جي وزيراعليٰ کي سرڪاري پروٽوڪول ڏيڻ جي قدمن کي نه رڳو مختلف سياسي ۽ صحافتي حلقن ۾ ساراهيو ويو پر خود وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه به اهو محسوس ڪيو ته سنڌ ۾ اُئين لڳو جڻ ته هتي شهيد ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نظرين واري حڪومت آهي ۽ آئون سنڌين جي مهمان نوازي ڪڏهن به نه وساري سگهان.

هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن تحريڪِ انصاف لاءِ سياسي جاءِ بلڪل ناهي جتي وزيراعلي ڪي پي ڪي پنهنجي صوبي ۾ بم پروف گاڏين جي قافلي کان سواءِ حرڪت نٿو ڪري سگهي اتي پيپلز پارٽيءَ جي قيادت وزيراعليٰ سهيل آفريديءَ کي نه رڳو پُرامن ماحول ۾ بغير ڪنهن بم پروف گاڏين جي کُليل نموني اچ وڃ جي اجازت ڏني ڪيس سرڪاري طور تي ڀليڪار ڪيو ۽ پنهنجي جمهوري روايتن ۽ مزاج جو مثبت مظاهرو ڪيو پر هيءُ پيغام به ڏنو ته سياست ۾ برداشت ۽ جمهوري روين جي امين رڳو پاڪستان پيپلز پارٽي ئي آهي. سهيل آفريديءَ جو هوائي اڏي تي پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ استقبال ڪيو ۽ ڪيس شهر جي مختلف علائقن کان انصاف هائوس آندو ويو.

هن استقبال کي تحريڪِ انصاف جي قيادت اسٽريٽ موومينٽ طور به وڏي اهميت وارو قرار ڏنو ڇو ته هن دوري سان تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن کي کُليل سياسي ماحول ۾ ساهه کڻڻ جو موقعو مليو. ذريعا ٻڌائين ٿا ته وزيراعليٰ ڪي پي ڪي جي سنڌ ۾ پروٽوڪول ڏيڻ ۽ آزاديءَ سان سياسي سرگرمين جي اجازت تي ڪيترائي اعتراض اُٿاريا ويا هئا پر واڳ ڌڻين کي پيپلز پارٽيءَ جي قيادت يقين ڏياريو ته وزيراعليٰ کي جمهوري طريقي سان سياسي سرگرمين جي اجازت ڏني وڃي ته جيئن سندس ۽ تحريڪِ انصاف جي قيادت جي سامهون سندن مقبوليت جو پول کُلي سامهون اچي. سندن اهو الزام به بي بنياد ثابت ٿئي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جو مينڊيٽ ڪٽڻ زبردستي کسيو ويو آهي ۽ سندن مستقبل جي سياسي ارادن جو به اندازو لڳائي سگهجي. وزيراعليٰ ڪي پي ڪي ٻئي ڏينهن ڪراچيءَ کان حيدرآباد لاءِ روانو ٿيو جتي ڪوٽڙيءَ ۾ قومپرست اڳواڻ زين سيد شاهه طرفان سندس آجيان ڪئي وئي اتان هو حيدرآباد پهتو، جتي تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن جي وڏي انگ سندس استقبال ڪيو. حيدرآباد ۾ سهيل آفريدي وڪيلن ۽ صحافين سميت شهر جي دوري دوران پنهنجن ڪارڪنن سان به خطاب ڪيو.

هاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿو خوشگوار ڀليڪار جو ناخوشگوار انجام. وزيراعليٰ ڪي پي ڪي سهيل آفريدي پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت تي الزام هنيا ته هنن سندس ڪراچي واپسيءَ دوران نه رڳو رڪاوٽون کڙيون ڪيون، جنهن ڪري هو ڏکيا رستا پار ڪري ۽ ڊگهو سفر ڪري ڪراچي پهتو پر سنڌ حڪومت سندس ڪراچي جلسي ۾ اجازت ڏيڻ جي باوجود به مشڪلاتون پيدا ڪيون.

ٻئي طرف سنڌ حڪومت وزيراعليٰ ڪي پي ڪي جي الزامن کي رد ڪري ڇڏيو. سنڌ حڪومت سهيل آفريديءَ کي نه رڳو جناح باغ ۾ جلسي جي اجازت ڏني پر ڪيس هر قسم جون سهولتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر انتشار پسند گروپ رڳو انتشار ۽ افراتفري پکيڙڻ لاءِ ضد تي بيٺل رهيو. ڪراچيءَ ۾ وزيراعليٰ خيبر پختونخوا جي اڳواڻيءَ ۾ تحريڪ انصاف جي شرپسند ٽولن نه رڳو عام ماڻهن جي گاڏين ۽ ملڪيتن کي نقصان پهچايو پر سرڪاري گاڏيون ۽ پوليس وين کي به باهه ڏني ۽ پوليس سان ٽڪراءَ سان پيش آيا. سهيل آفريدي ۽ سندس ساٿين ڪراچي ۽ حيدرآباد جي دوري دوران تحريڪِ انصاف جي ڪارڪنن کي متحرڪ ته ڪيو پر جيئن اهي دعويٰ ڪندا آهن ته سنڌ ۾ به سندن پارٽيءَ جي مقبوليت آسمان کي ڇهي رهي آهي، حقيقت ۾ اهي سڀ دعوائون ڪوکليون ثابت ٿيون. ڪراچي ملڪ جو سڀ کان وڏو شهر آهي جنهن جي آبادي ڪروڙن ۾ آهي جتي ڏهه، پندرهن يا ويهه پنجويهه هزار ماڻهو گڏ ڪرڻ کي مقبوليت هرگز نٿو چئي سگهجي. جڏهن ته حيدرآباد به 30 لک آباديءَ وارو شهر آهي جتي 5 کان 7 هزار ماڻهن کي گڏ ڪري اها دعويٰ ڪرڻ ته عوام جو سمنڊ روڊن تي اُٿلي پيو آهي اهو فقط ڏينهن ۾ تارا ڏسڻ وانگر آهي. سهيل آفريدي ۽ تحريڪِ انصاف کي سنڌ حڪومت ۽ پيپلز پارٽي اتحادين جي تنقيد ۽ اعتراضن جي باوجود نه رڳو هڪ ڪشمڪش واري سياسي ماحول ۾ پُرامن سياسي سرگرمين جي اجازت ڏني پر ڪين کُليل دل سان ڀليڪار ڪيو پر تحريڪِ انصاف روايت مطابق نه رڳو هن آزاديءَ ۽ مثبت سياسي اشاري جو جواب منفي رويي، هرون پرون جي تنقيد ۽ هاڻي سوشل ميڊيا ذريعي گارگند سان ڏنو پر سعيد غنيءَ جي طرفان ڏنل اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي واپس ڪري ثابت ڪيو ته ڪين عزت جي ڪا پرواهه ناهي. تحريڪِ انصاف سنڌ جي عوام طرفان ڪيل عزت افزائيءَ جي توهين ڪئي آهي ۽ ڪين (عوام کي) واضح پيغام ڏنو آهي ته اسان کي توهان جي ڏنل عزت نٿي گهرجي.

تحريڪِ انصاف جي قيادت جي اهڙن ئي غير سياسي غير دانشمندانه ۽ غير اخلاقي روين جي ڪري اڄ نه رڳو عمران خان پنهنجي حيثيت وڃائي ويٺو آهي پر سندس پارٽي هاڻي عملي طور تي غيرموثر ٿي رهي آهي. مقتدره جي سوچ بلڪل واضح ۽ صحيح آهي ته تحريڪِ انصاف اهو بيمار ماڻهو آهي. جيڪو دوائن سان ٺيڪ نٿو ٿي سگهي پر ان کي آپريشن ذريعي جسم کان الڳ ڪرڻ وقت جي سڀ کان اهم ضرورت بڻجي چڪو آهي.

شبِ معراج جي اهميت ۽ افاديت!

اعجاز ممتائي

معراج جي لغوي معنيٰ ”ڏاڪڻ“ ۽ اصطلاحي معنيٰ ”بلندي ۽ روحاني ڪمال“ آهي. معراج جي ڀلاري رات سرورِ ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم خدا جي حڪم تي عرش عظيم تي الله تعاليٰ سان ملاقات لاءِ ويا. انهيءَ ڪري ان کي ”شبِ معراج“ چيو ويندو آهي. قرآن مجيد جي سورة بني اسرائيل جي پهرين آيت جو تعلق سرورِ ڪائنات رسول خدا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي آسماني سفر سان آهي. هن آيت جي تفسير ۽ تعبير ڪندي ديني عالم ۽ محقق پاڻ سڳورن جي ان آسماني سفر کي جسماني ۽ بيداريءَ واري حالت ۾ الله سان ملاقات قرار ڏين ٿا ۽ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته معراج وارو واقعو حضرت ابو طالب عليه السلام ۽ بيبي خديجة الڪبريٰ سلام الله عليها جي رحلت کان پهرين مطلب 5 ق هـ مطابق 618ع جو آهي پر ”سيرة النبي“ ۾ سيد سليمان ندوي لکي ٿو ته ”معراج جو واقعو هجرت واري سال کان تقريباً سال يا ڏيڍ سال پهرين (هڪ ق هـ مطابق 621ع) جو آهي.“

قرآن مجيد ۾ معراج جو ذڪر ”سورة بني اسرائيل“ جي آيت نمبر هڪ ”سورة النجم“ جي آيت نمبر هڪ کان 18 تائين ۽ ”سورة تڪوير“ جي آيت نمبر 19 کان 24 تائين ۾ ڪيو ويو آهي. معراج جي واقعي بابت ديني عالمن ۽ محققن هنن آيتن جي تفسير ڪندي پنهنجا دليل ڏنا آهن. شبِ معراج سمورا مسلمان وڏي عقيدتمنديءَ سان ملهائيندا آهن. معراج 27 رجب المرجب جو ڏهاڙو هوندو آهي ۽ سڀ مسلمان 27 رجب المرجب جي رات، يعني ”شبِ معراج“ تي سڄي رات عبادت ۾ گذاريندا آهن.

شبِ معراج بابت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي ته: مان مڪي ۾ هئس ته جبرائيل امين مون وٽ آيو ۽ چيو: ”يارسول الله اُٿوا“ مان اُٿيس ۽ دروازي ڏانهن ويس اوچتو مون اتي جبرائيل، ميڪائيل ۽ اسرافيل کي ڏٺو جبرائيل مون وٽ بُراق نالي هڪ گهوڙو کڻي آيو ۽ مون کي چيو ته: ”هن تي سوار ٿيو“ مان براق تي سوار ٿي مڪي کان روانو ٿيس يروشلم پهتس جڏهن مان يروشلم پهتس ته آسمان مان فرشتا مون تي لهي آيا ۽ مون کي خدا جي نظر ۾ هڪ اعليٰ مقام ۽ عزت واري حيثيت جي خوشخبري ڏنائون پوءِ مون يروشلم ۾ نماز پڙهي.“ پيغمبرِ اسلام صہ جن جي سائنسي ۽ عملي معجزن مان هڪ معجزو جيڪو سندن بندگيءَ جي ڇانوَ هيٺ ٿيو ته جيئن قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيو ويو آهي: پاڪ آهي الله جيڪو پنهنجي ٻانهي کي رات جو مسجد الحرام کان مسجد اقصيٰ تائين جنهن جي



چوڌاري اسان برڪت رکي آهي سير ڪرايو ته جيئن اسان کيس پنهنجيون نشانيون ڏيکاريون، اهو ئي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي. روايتن مان ظاهر آهي ته معراج مغرب جي نماز جي ادا ڪرڻ جو ٻن مرحلن وارو عمل آهي پر جيئن مٿي ڏنل آيت ۾ ڏنو ويو آهي جيتوڻيڪ معراج بابت روايتون ايتريون گهڻيون آهن جو اهي ڳڻي نه ٿيون سگهجن پر حديث جي عالمن، مورخن ۽ مفسرن ۾ ان جي وقت، جڳهه ۽ تعداد بابت پڻ اختلاف آهي.

حضرت بيبي فاطمه الزهرا سلام الله عليها جي ولادت کان 9 مهينا يا 2 سال اڳ معراج جي وقت تي غور ڪرڻ بهتر آهي ڇاڪاڻ ته حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم معراج جي رات کي پنهنجي هڪ زال جي جواب ۾ سڏيو هو جنهن پنهنجي پيار لاءِ شديد محبت جي شڪايت ڪئي هئي ان جي جڳهه کي حضرت خديجه سلام الله عليها جو گهر، حضرت علي عليه السلام جي ڀيڻ اُم هاني سلام الله عليها جو گهر، ابوطالب جي شاخ ۽ ڪعبي جي پرسان مسجد الحرام پڻ چيو ويندو آهي جيئن روايتن مان ڏسي سگهجي ٿو ته معراج شايد ٻه يا ان کان وڌيڪ ۽ ڪيترن ئي موقعن تي ٿيو هو جن مان هڪ تمام مشهور ۽ قابلِ ذڪر آهي ڇاڪاڻ ته اهو نبوت جي 10هين سال ۾ رمضان جي 17هين رات تي ٿيو هو. ڪائنات جي منظر تان ڏينهن جي روشني غائب ٿي چڪي هئي ۽ رات جي اونداهي هر شيءِ کي ڍڪي ڇڏيو هو پاڻ پنهنجي سفر جو پهريون مرحلو شروع ڪيو جيڪو ستن آسمانن جو سفر هو پيغمبر اڪرم صہ هڪ ٻئي پٺيان سڀني آسمانن مان سفر ڪيو ۽ مٿي ڪائنات جي بناوت ۽ تارن کي ڏٺو ۽ هر آسمان ۾ هن کي نوان منظر نظر آيا ۽ پاڻ صہ نبين سان مليا ۽ ڪجهه آسمانن ۾، پاڻ دوزخ ۽ ان جي ملائڪن سان ڳالهايو ٻين آسمانن ۾، هن جنت ۽ جنت جي ماڻهن سان ڳالهايو آخرڪار ستين آسمان تي آخري سدرة المنتهيٰ ۽ ”جنة الماويٰ“ ڏانهن ڏٺو پاڻ صہ سڀ کان آخري آسمان تي پهتو ۽ اتي پاڻ صہ ڪائنات جي پالڻهار جي شان جون نشانيون ڏٺيون هو ايترو مٿي چڙهي ويو جو خدا کان سواءِ ڪو به هن تائين پهچي نه سگهيو جبرائيل به هلڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته ”جيڪڏهن مان ان چوٽيءَ تي به مٿي وڃان ته مان سڙي ويندس“

انهيءَ روشنيءَ سان ڀريل انهيءَ دنيا ۾، حضرت محمد صہ پنهنجي بصيرت ۽ الله جي قربت سان ان چوٽيءَ تي پهتا. الله تعاليٰ هن سفر دوران پيغمبر اڪرم صہ کي تمام اهم هدايتون ۽ سفارشون ڏنيون. اهڙيءَ طرح معراج، جيڪو مسجد الحرام کان شروع ٿيو هو سو پنهنجي اختتام تي پهتو. شبِ معراج پيغمبر اسلام صلي الله عليه وآله وسلم جو سڀ کان اهم مشاهدو امامن سڳورن عليهم السلام جي پاڪ نورن جي شاهديءَ کي سمجهيو وڃي. ڪيترن ئي اصحابن ڪانئس هيٺ ڏنل روايت يا ان جهڙيون روايتون نقل ڪيون آهن. خاص طور تي امام مهدي عليه السلام هڪ خاص ۽ ممتاز مقام رکن ٿا. انهن روايتن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته: بيشڪ! الله تعاليٰ مون تي وحي نازل ڪئي، جنهن رات مون کي رات جي سفر يعني معراج تي وٺي ويو. اي محمد صہ! توهان پنهنجي قوم ۾ زمين تي ڪنهن کي پنهنجو مقام ڏنو آهي؟ جڏهن ته خدا پاڻ ان کان وڌيڪ واقف هو مون چيو ”يا الله“ الله تعاليٰ فرمايو ”اي محمد، مون پهريون ڀيرو زمين تي رب جي حيثيت سان نظر ڪئي ۽ ان مان توهان کي چونڊيو، مون کي ڪڏهن به ياد نه ڪيو ويندو سواءِ ان جي ته توهان کي به مون سان گڏ ياد ڪيو وڃي“ مان محمود آهيان ۽ توهان محمد آهيو. پوءِ مون زمين تي هڪ ٻي نظر وڌي ۽ ان مان علي ابن ابي طالب عليه السلام کي چونڊيو ۽ ان کي پنهنجو جانشين بڻايو. تنهن ڪري توهان نبين جا سردار آهيو ۽ علي عہ منهنجي نالن مان هڪ آهي ۽ ”علي“ (الله جي نالي مان) مشتق آهي. اي محمد صہ، مون علي عہ، فاطمه رضہ، حسن عہ، حسين عہ ۽ امامن کي هڪ نُور مان پيدا ڪيو آهي. پوءِ مون انهن جي سرپرستي ملائڪن جي آڏو پيش ڪئي، جيڪو انهن کي قبول ڪري ٿو اهو مؤمنن مان هڪ ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو انهن کي رد ڪري ٿو اهو ڪافرن مان ٿي ويندو. اي محمد صہ، جيڪڏهن منهنجا ٻانها منهنجي ايتري عبادت ڪن جو انهن جي زندگيءَ جو سلسلو ٽٽي پوي ۽ پوءِ هو مون سان ان وقت ملندو آهي، جڏهن هو انهن جي سرپرستيءَ جو انڪار ڪري ٿو ته مان ان کي دوزخ جي باهه ۾ اُڇلائي ڇڏيندس. پوءِ الله تعاليٰ فرمايو ته: اي محمد صہ، ڇا توهان انهن کي ڏسڻ چاهيو ٿا؟ مون چيو: ها. الله تعاليٰ فرمايو: هڪ قدم اڳتي وڌو. مون هڪ قدم اڳتي وڌايو. اوچتو مون اتي علي بن ابي طالب عہ، حسن عہ، حسين عہ، علي بن حسين عہ، محمد بن علي عہ، جعفر بن محمد عہ، موسيٰ بن جعفر عہ، علي بن موسيٰ عہ، محمد بن علي عہ، علي بن محمد عہ ۽ حسن بن عليءَ عہ کي ڏٺو ۽ قائم جو ثبوت انهن ۾ هڪ چمڪندڙ تاري وانگر هو. پوءِ مون چيو: اي منهنجا رب...! اهو ڪير آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو: اهي امام آهن ۽ هيءُ قائم آهي جيڪو منهنجي حلال کي حلال ڪري ٿو ۽ منهنجي حرام کي حرام ڪري ٿو ۽ هو منهنجي دشمنن کان بدلو وٺندو. اي محمد صہ ان سان پيار ڪر ڇو ته مان ان سان پيار ڪريان ٿو ۽ جيڪو به ان سان پيار ڪري ٿو ان سان مان پيار ڪريان ٿو.

اڄوڪو ڏينهن - 16 جنوري

هوندراج دکايل



اڄ هند ۽ سنڌ جي مها ڪوي، ڪلاڪار، صحافي ۽ آزاديءَ جي متوالي هوندراج دکايل جي جنم جو ڏينهن آهي. پاڻ 16 جنوري 1910ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڀڳت ليلارام ماٽڪ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي ابائي شهر مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ انگريزن کان آزاديءَ واري جدوجهد ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳو. ستن سالن جي ننڍي عمر کان ئي ديس جي آزاديءَ ۽ انگريزن جي غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ قومي گيت لکڻ شروع ڪيائين. انهيءَ ئي زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مهان شاعر ڪشنچند بيوس سان ملاقات ٿيس. هو هڪ سٺو ڪلاڪار به هو ۽ پنهنجا گيت سُريلي آواز ۾ ڳائيندو هو. تيرهن سالن جي ننڍي ڄمار ۾ سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”آريه پڇنولي“ ڇپجي پڌرو ٿيو. 1930ع ۾ هفتيوار اخبار ”هنومان“ جاري ڪيائين جنهن ۾ انگريزن خلاف مضمون ۽ گيت لکڻ سبب ڪيس ٻه ڀيرا جيل به وڃڻو پيو. 1937ع ۾ ”دکايل“ پريس کولي ”دکايل“ اخبار جاري ڪيائين. انهيءَ اخبار ۾ به سندس لکڻين انگريز سرڪار کي ڪاوڙائي وڌو ۽ کيس چار ڀيرا جيل وڃڻو پيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پهريائين سنتونگر ۾ ۽ پوءِ گانڌيدام ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. اتي هن ڀرپداس ٽولانيءَ، هري دلگير ۽ ٻين ساٿين جي مدد سان هڪ تعليمي سوسائٽي ”گانڌيدام منتري منڊل“ جي نالي سان قائم ڪئي جنهن طرفان ڪيترائي تعليمي ادارا کوليا ويا. سندس شاعريءَ ۽ نثر جا 15 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿيا. هندستان جي سنڌين جي مشهور ويب سائيٽ The Sindhu World تي هن جي ديهانت جي تاريخ 21 نومبر 2003 لکيل آهي. ديال آشا (هفتيوار هندواسي 13 جنوري 2019ع) ۾ اهائي تاريخ لکي آهي جڏهن ته مينا گوپ روپچندانيءَ (هندواسي- 20 فيبروري 2022ع) 20 نومبر 2002ع ٻڌائي آهي. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 3 ڊسمبر 2003ع لکيل آهي.



تعليمدان 16 جنوري 1930ع تي سيد حاجن شاهه جي گهر ۾ ضلعي دادو جي ڳوٺ غلام چانڊيي ۾ اکيون کوليون. سندس ٻانگ جو نالو ڀنهل شاهه هو. 1944ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري 1946ع ڌاري ٽپيدار مقرر ٿيو پر اها نوڪري سندس طبيعت ۽ مزاج سان ٺهڪندڙ نه هئي ان ڪري انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي 1947ع ۾ پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماسٽر آف آرٽس جي سند وٺي 1967ع ۾ ڪاليج جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي ليڪچر ڏيندي پروفيسر طور رٽائر ٿيو. استاد بخاريءَ شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. پاڻ هڪ عوامي شاعر هو جنهن جي شاعري هر سنڌي ماڻهوءَ جي دل جي ڌڙڪن ۽ جذبن جي ترجمان آهي. سندس شاعريءَ ۾ جتي رومانوي رنگ سمايل آهن اتي قومي سجاڳيءَ ۽ پنهنجي مٽيءَ سان محبت جو پيغام به شامل آهي. سندس شاعريءَ جا 52 کن مجموعا اسان وٽ موجود آهن. سنڌ جي هن لاثاني ۽ بي مثال شاعر 9 آڪٽوبر 1992ع مطابق 11 ربيع الثاني 1413هه تي جمعي جي ڀلاري ڏينهن هن فاني جهان مان هميشه لاءِ موڪلايو.



مختيار انڙ

سندس تخليق ڪيل 5 سئو کان به وڌيڪ مجسما ۽ فن پارا سجايل آهن.

آخوند حاجي فقير محمد عاجز

سنڌ جي هن نامور شاعر ۽ مضمون نگار جو جنم 1846ع ڌاري حيدرآباد ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور مطابق عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. ڪجهه عرصو روينيو کاتي ۾ تپيدار طور نوڪري ڪيائين پر پوءِ انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي درس ۽ تدريس لاءِ پنهنجو پاڻ وقف ڪري ڇڏيائين. ادب سان دلچسپي ٿيڻ ڪري ان ئي رئيس مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، حافظ حيات شاهه ۽ ٻين عالمن ۽ اديبن سان سندس ويجهڙائي وارا تعلقات هئا. سندس تصنيفن ۾ ”جان عشاق“ (رباعيون)، ”قانون عشق“ (بلا شاهه جي ڪافين جو سنڌي ترجمو)، ”جان سلڪ“ (شاهه باهوءَ جي رسالي جو سنڌي ترجمو)، ”ديوان عاجز“ (غزل)، ”نيڪ اخلاق“ (ترجمو)، ”رحمت للعاشقين“ (ترجمو)، ”بهار گلشن“ ۽ ”تفسير فاتح الڪتاب“ شامل آهن. هن 16 جنوري 1918ع تي لاڏاڻو ڪيو. هن بزرگ شاعر جي زندگيءَ جو تفصيلي خاڪو مهراڻ رسالي جي سوانح نمبر ۾ پڙهي سگهجي ٿو.



1921ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن جو والد بئريسٽر عبدالرحمان ننڍي کنڊ جو ساک وارو قانوندان هو. هن جو ڀاءُ حسن علي عبدالرحمان سنڌ يونيورسٽيءَ جو ٽيون وائيس چانسلر رهيو. جسٽس طفيل علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪئي. هن پنهنجي ڀاءُ حسن علي عبدالرحمان سان ملي ڪراچيءَ ۾ سنڌ مسلم لا ڪاليج جو بنياد رکيو. هن ڪجهه عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ جي قانون واري شعبي ۾ پڙهايو. صدر ايوب خان واري دور ۾ هن کي پاڪستان جو اٽارني جنرل مقرر ڪيو ويو. 1970ع ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ٿيو. هو سنڌ جو وقتي گورنر پڻ رهيو. هن 16 جنوري 1975ع تي وفات ڪئي.

لائق سنڌي



لائق سنڌي هڪ محنتي استاد، شفيق شخصيت جو مالڪ ۽ لائق صحافي هو. اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 19 ڊسمبر 1943ع تي حيدرآباد تعلقي جي ڳوٺ موري منگر ۾ ڄائو. سندس اصل نالو لائق ڏنو ولد حاجي محمد اسماعيل ٿيٻو هو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري 1958ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين. 1961ع ڌاري علم، اديب فاضل جو امتحان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ساڳئي اسڪول مان استادن جي سکيا وارو ڪورس به پاس ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد جي حيثيت سان ڪيائين ۽ حيدرآباد تعلقي جي مختلف اسڪولن ۾ علم جي روشني ڦهلائي. ڊسمبر 1986ع ۾ وقت کان پهريائين رٽائرمينٽ ورتائين. ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهڻ دوران سندس ملاقات حيدر علي لغاري ۽ غلام محمد گراميءَ جهڙن سڄاڻ ليکڪن سان ٿي جن جي صحبت سان ادب ۽ شاهه جي شاعريءَ سان شوق پيدا ٿيس. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي شخصيت کان متاثر ٿي پاڻ کي لائق ٿيٻي بجاءِ لائق سنڌي سڏائڻ شروع ڪيائين ۽ انهيءَ ئي نالي سان ادبي ۽ صحافتي حلقن ۾ مشهور ٿيو. صحافت جي شروعات حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ اخبار روزنامه آفتاب ۾ ڪاتب جي حيثيت سان ڪيائين. اڳتي هلي ساڳي اخبار ۾ نوجوانن جي صفحي سرڄڻهار جو انچارج ٿيو. ساڳئي وقت ٽريننگ ڪاليج مان جاري

منثار فقير راڄڙ



منثار فقير راڄڙ سنڌ جو مشهور صوفي شاعر هو. سندس شاعري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. پنهنجي دور جي هن ڀلوڙ شاعر 1865ع ڌاري ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ تعلقي ڪنڊيارو ضلعي سانگهڙ ۾ جنم ورتو. ننڍي هوندي کان ئي سندس طبيعت ۾ سادگي، فقيري ۽ تهذيب سمايل هئي. سندس واسطو سروري جماعت سان هو ۽ پاڻ مخدوم نوح جي 13هين سجاده نشين مخدوم محمد امين پڪن واري جو مريد هو. شاعريءَ طرف سندس لاڙو به ننڍي عمر کان هو. جوانيءَ جا ٻارهن سال اجمير شريف کان وٺي ملتان تائين مختلف درگاهن تي حاضريون ڀريندي گذاريائين. سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا ”رسالو مرتضيٰ“، ”رسالو خدائي“ ۽

قمرالنساء جوکيو



هن نامور ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره جو جنم 16 جنوري 1958ع تي محراب پور ۾ ٿيو. پاڻ نامور اديب محبوب علي جوکئي جي نياڻي آهي. مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي شهر مان حاصل ڪيائين، جڏهن ته ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊياري مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان گريجوئيشن ڪيائين. عملي زندگي اسڪول جي استادياڻيءَ طور گذاريائين. هن تدريس کان ئي لکڻ شروع ڪيو. سندس پهرين ڪهاڻي ”ڌرتيءَ جي گهٽ“ سگهڙين سٽ رسالي ۾ ڇپجي پڌري ٿي، جڏهن ته پهرين شاعري ”روزاني هلال پاڪستان“ ۾ شايع ٿي. سندس لکڻيون (ڪهاڻيون ۽

گوپي موتواڻي

سنڌي ٻوليءَ جي هن ليکڪا جو جنم 16 جنوري 1926ع تي نوشهروفيروز ۾ ٿيو. پاڻ هڪ سٺي ڪهاڻيڪاره، ناٽڪ نگار ۽ ڪالم نگار هئي. ورهاڱي کان پوءِ ممبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هوءَ هندستان مان ڇپجندڙ هفتيوار رسالي هندواسيءَ ۾ لاڳيتو ڪيترن

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول اينڊ فيملي جج-I ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2026

مسمات مومل ڌيءُ گل حسن بالغ مسلم ذات ٻگهو رهندڙ سوٽيري سول هاسپيٽل ضلعو ٽنڊو محمد خان....پلينٽف...خلاف: عبدالرحيم پٽ محمد عمر بالغ مسلم ذات سهتو رهندڙ ڳوٺ گل محمد سهتو تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-I ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر..... سال 2026

شريمتي مٿا ٻائي زال ارجن هندو....پلينٽف. خلاف: (1) فيڊريشن آف پاڪستان ٿو بي سروڊ معرفت سيڪريٽري انٽيريئر هيڊڪوارٽرز اسلام آباد (2) ڊي انچارج انجنيئر نادرا آفيس ٽنڊوالهيار (3) پبلڪ ايٽ لارج....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن اينڊ مينڊيٽري انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول ڪورٽ ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج نمبر V حيدرآباد
فيملي پٽيشن نمبر 165 سال 2025

سنگيتا ڌيءُ نرشن بالغ هندو رهندڙ آمريڪن ڪوارٽر ائيٽ ايريا حيدرآباد....پلينٽف...خلاف: مڪيش پٽ الاهي بالغ هندو رهندڙ ڳوٺ سلطان آباد ٻي.او خواجه ڳوٺ تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊوالهيار....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ...

Oil & Gas Development Company Limited

OGDCL the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LD-WT-EXPL-306832403-2025	HIGH PRESSURE FLEXIBLE HOSE PIPE	02.02.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **28-11-2025**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-FD-CB-PNP-QP-304258622-2025	SPARES FOR VOLVO PENTA FIRE WATER ENGINES	21.01.2026 AT 1130 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 01/45

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني
HESCO

واڪ جي دعوت

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (HESCO) جيڪا هڪ پاور ڊسٽريبيوشن ڪمپني آهي، جنهن جو بنيادي فريضو صوبي سنڌ جي 13 ضلعن ۾ بجلي جي فراهمي، تقسيم ۽ وڪرو ڪرڻ آهي. هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ سنگل اسٽيج ٽو اينويلپ طريقيڪار جي تحت اِي-واڪ گهربل آهن. هي اِي-بڊز انهن ٺيڪيدارن کان گهرائجن ٿا جيڪي PPRA EPADS تي رجسٽرڊ هجن. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) جو موثر لائسنس رکندڙ هجن. ساڻ فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن EE-05. گهٽ ۾ گهٽ 02 عدد ساڳي نوعيت جي ڪمن جو تجربو رکندڙ هجن. سنڌ سيلز ٽيڪس ۽ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۾ رجسٽرڊ هجن ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ ۾ شامل هجن.

ٽينڊر نمبر	ڪم	واڪ سيڪيورٽي	واڪ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت	واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت
GSC-16/2025-26	132 KV SDT NTPS ٽي ايم خان ٽي/لائين تي اريڪشن ۽ اسٽرنگنگ جو ڪم.	750000 رپيا	09-02-2026 صبح (9:00 وڳي)	09-02-2026 صبح (9:30 وڳي)
GSC-17/2025-26	132 KV SDT سجاول، گولاڙچي ٽي/لائين تي اريڪشن ۽ اسٽرنگنگ جو ڪم.	850000 رپيا	09-02-2026 صبح (9:00 وڳي)	09-02-2026 صبح (9:45 وڳي)

1. شرط ۽ ضابطن جي مطابق E-واڪ جا دستاويز، تفصيلي شرط ۽ ضابطا، وضاحتون ضروريات وغيره تي مشتمل رجسٽرڊ واڪ ڏيندڙن جي لاءِ EPADS (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهن.
2. اليڪٽرانڪ واڪ مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي، هٿوهٿ واڪ قبول نه ٿيندا. اليڪٽرانڪ واڪ انهيءَ ڏينهن کوليا ويندا.
3. سمورا E-واڪ سان گڏ بڊنگ دستاويزن ۾ ڄاڻايل واڪ سيڪيورٽي لازمي شامل هئڻ گهرجي، جيڪي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر GSC، حيسڪو حيدرآباد جي نالي ڪنهن به شيڊيولڊ بينڪ آف پاڪستان کان بينڪ گارنٽي/ سي ڊي آر/ بينڪرز چيڪ جي صورت ۾ هئڻ گهرجن. جيڪي 28 ڏينهن تائين ڪارگر هجن. واڪ ڏيندڙ واڪ سيڪيورٽي جي اسڪين ٿيل ڪاپي EPADS تي اپ لوڊ ڪندا. اصل واڪ سيڪيوٽي E-واڪ جي جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت کان اڳ يا ساڳئي وقت پروڪيورنگ ايجنسي کي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. ٻي صورت ۾ E-واڪ رد ڪيا ويندا.
4. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ تي www.ppra.org.pk ۽ حيسڪو جي ويب سائيٽ: www.hesco.gov.pk تي دستياب آهي.

نوٽ:

PPRA رولز 2004 جي رول-48 جي لحاظ کان تشڪيل ڪيل GRC جو نوٽيفڪيشن EPADS تي (www.eprocure.gov.pk) تي فراهم ڪيل آهي.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي ايس سي
(HESCO) حيدرآباد

فون: 022-9260123 | اى ميل: pdgschescohyd@gmail.com

آفيس جو پتو: واٽر ونگ ڪالوني، حسين آباد، حيدرآباد

PID(H) 270/2025

گھوٽڪي ۾ شرپسندن پورهيت جي گھران روڪ رقم سامان چوري ڪري گھر کي باهه ڏئي ڇڏي

ٽنڊو ٽهائي واسي پورهيت عرفان عاربي جي گھران روڪ رقم ۽ سامان ڪڍي گھر کي باهه ڏئي ڇڏي

نياڻي جي مهندي جي رسم لاءِ گھران نڪتاسين ته شرپسندن اهو تلهه ڪڍي گھر کي باهه ڏني آهي: متاثر

سخت محنت ڪري نياڻي جو ڏاج تيار ڪيو هو، ايس ايس پي ۽ عملدار نوٽيس وٺي انصاف ڪن

گھوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي)گھوٽڪي جي محلا ٽنڊو ٽهائي ۾ انسانيت کي لوڏيندڙ واقعو پيش آيو جتي پورهيت عرفان عاربي جي نياڻي جي رخصتي کان صرف هڪ ڏينهن اڳ نامعلوم شر پسند ماڻهن گھر ۾ گھڙي نياڻي جو ڏاج باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو واقعي سبب غريب پورهيت جو سڄو سهارو لٽجي ويو متاثر پورهيت عرفان عاربي ٻڌايو ته هو نياڻي جي مهندي جي رسم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گھر کان ٻاهر ويو هو جڏهن واپس موٽي آيا ته گھر مان باهه جون شعلا نڪري رهيون

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڪراچي جا ماڻهو لنڍا بازار مان خريداري ڪري رهيا آهن

ڪراچي: ڊاڪٽر عمران فاروق قتل ڪيس ۾ ايم ڪيو ايم لنڊن جا ٽي ڪارڪن ضمانت تي آزاد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينٽرل جيل ڪراچي ۾ قائم انسداد دهشتگردي عدالت ڊاڪٽر عمران فاروق قتل ڪيس ۾ سالي معاونت جي الزام هيٺ نامزد ايم ڪيوايم (لنڊن) جي ٽن ڪارڪنن جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي عدالت شاهد عرف محمد، شهزاد ۽ ساجد کي پنج پنج لک رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي عدالت کي ٻڌايو ويو ته جوابدارن خلاف فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (FIA)

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: فوتي نوجوان جو لاش پيل آهي

ڪراچي ۾ يوٿ ڪلب گلستان پاران نوجوانن لاءِ رانديگرن جي غذائيت جو سيمينار

ماهرن متوازن غذا، پاڻي جي استعمال ۽ صحتمند طرز زندگي جي اهميت تي زور ڏنو

سنڌ حڪومت نوجوانن کي رانديگرن ۽ ڪيريئر جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي: حبيب الله

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ رانديگرن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي ۽ اقرا يونيورسٽي جي سرپرستي ۾ سنڌ يوٿ ڪلب گلستان جوهر ڪراچي ۾ نوجوانن لاءِ رانديگرن جي غذائيت جو سيمينار منعقد ڪيو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

دوڙ پرسان ريل گاڏي جي ٽڪر سبب نوجوان فوت، گھر ۾ ڪهرام

دوڙ (ن ع) دوڙ پرسان در محمد بروهي اوين ڦاٽڪ تي ٽرين جي ٽڪر ۾ ڳوٺ عبالرزاق جمالي جو رهواسي نوجوان محمد عثمان جمالي بروقت فوت ٿي ويو يادرهي ته هڪ هفتو اڳ انهي ساڳي ڦاٽڪ تي ريل جي ٽڪر لڳڻ سان چانڊيا برادري جا ماسو پاٽيجو به ڄڻا اجل جو شڪار ٿيا

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ويجھو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، عورت ۽ ٻارن سميت 4 ڄڻا زخمي

جهانگارا روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ دادو واسي دانش پنهور ۽ جهانگارا واسي اسلم نوحاڻي ٿڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاشن ۽ زخمي شازيه، شيرل، علي نوحاڻي ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو

سيوهڻ(ن ع) جهانگارا روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ سامهون خوفناڪ ٽڪر 2 ڄڻا موقعي تي فوت، عورت ۽ ٻارن سميت 4 ڄڻا زخمي، تفصيل موجب سيوهڻ ويجھو جهانگارا روڊ تي پير ڳاجي شاهه جي ميلي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ 4 سالن جي نياڻي سان زيادتيءَ جي ڪوشش، جوابدار سوگھو

گھاڙي روڊ لڳ 4 سالا نينگري امام زادي کي جوابدار پاران زيادتيءَ جي ڪوشش ڪئي

نينگري جي وارثن جوابدار پنهل عرس پنهور کي سوگھو ڪري پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

جوابدار پاران واقعي ۾ ٻين ماڻهن جي به ملوث هجڻ جو انڪشاف، ڪيس داخل نه ٿي سگھيو

راڌڻ (ن ع) ميهڙ ۾ گھاڙي روڊ سان صحافي مرحوم عبدالغني ميراڻيءَ جي 4 سالن جي ننڍڙي ياڻي امام زادي ڌيءَ عبدالجبار ميراڻي کي ڪنهن زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش، وارثن پاران ننڍڙي کي ڪنهي ڪئي ويندڙ جوابدار جو پيڇو ڪري جوابدار کي سوگھو ڪري ورتو جوابدار جي پنهل عرف پنهون پنهور طور سڃاڻپ ٿي آهي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران LARMISجي مختلف پوسٽن جي امتحان جا نتيجا جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC)لينڊ ايڊمنسٽريشن اينڊ روينيو مينيجمينٽ انفارميشن سسٽم (LARMIS)، بورڊ آف روينيو سنڌ ۾ نيٽورڪ ايڊمنسٽريٽر (بي پي ايس 17)، اسسٽنٽ مئنيجر ITبي پي ايس 16 ۽

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پشاور: ٻاءِ پاس ويجھو غريبن جون جهڳيون ڪوهيڙي ۾ گھيري نظر اچي رهيون آهن

خيرپور لڳ سيد ۽ شيخ برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 4 ڄڻا سخت زخمي

ڳوٺ ملو مري ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي دوران ڌرين هڪٻئي تي لٺبازي ڪئي

زخمي حسن شاهه، حيدر شاهه محسن شاهه ۽ غوث علي شاهه کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

خيرپور (ذ ر)خيرپور لڳ ڳوٺ ملو مري ۾ معمولي ڳالهه تان سيد ۽ شيخ برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾جهيڙو ڪهاڙيون ڏنڊا لڳڻ ڪري 4 حسن شاهه حيدر شاهه محسن شاهه ۽غوث علي شاهه سخت زخمي ٿي پيا آهن جن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

جيڪب آباد واسڻ جو نوجوان پٽ سان گڏجي چانڊيا برادري ۽ سول لائين پوليس خلاف احتجاج

جيڪب آباد (ذ ر) جيڪب آباد جي ڇتا محلا جي رهواسڻ مسمات ليلان نائچ پنهنجي نوجوان پٽ سان گڏجي چانڊيا برادري ۽ سول لائين ٿاڻي جي پوليس جي مبينه زيادتين خلاف پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي مسمات ليلان نائچ ڏانهيندي چيو ته صاحب چانڊيو شهزاد ۽ چانڊيو ۽ ٻيا اسان جي گھر تي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت ٻيو زخمي

وڏا مهيسر لنڪ روڊ تي حادثي ۾ محمد ياسين ميتلو ٿڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي حادثي جي زخمي ۽ لاش کي پوليس ڪٿائي اسپتال منتقل ڪيو

خيرپور (ذ ر) خيرپور لڳ وڏا مهيسر لنڪ روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ ڄڻو ٿڏي تي فوت ٿي ويو آهي ۽ هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو فوتي نوجوان جي سڃاڻپ محمدياسين ميتلو ويٺل ڳوٺ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڳاڙهو: پکين جي شڪار دوران ٻڏي ويل واحد بخش گبول جو لاش هٿ اچي نه سگھيو

ڳاڙهو (ن ع) پکين جي شڪار ڪندي هوڙو ٻڏڻ سبب ٻڏي ويل ڪراچيءَ واسي نوجوان واحد بخش گبول جو لاش هٿ اچي ناهي سگھيو عزيزن ۽ ادارن پاران ڳولا جاري آهي غلام مصطفي گبول مديا کي ٻڌايو ته ضلعي انتظاميا ڪنهن به قسم جو تعاون ناهي ڪيو

خيرپور لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

چانڊيا لنڪ روڊ پيش آيل حادثي ۾ مهدي چانڊيو ٿڏي تي دم ڏنو

پوليس پهچي نوجوان جو لاش ڪٿائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

خيرپور(ذ ر) خيرپور لڳ ڦوڙي چانڊيا لنڪ روڊ وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪل جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان فوت لاش سول اسپتال خيرپور منتقل خيرپور لڳ ڦوڙي چانڊيا لنڪ روڊ وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪل جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

هاري هلچل تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي جي چوٿين ورسيءَ تي 'سنڌ پاڻي ڪانفرنس' منعقد

سنڌو درياءَ 7 ڪروڙ سنڌين جو وجود، تهذيب ۽ جيئاپو آهي، پنجاب سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي: ڏمر جتوئي

ڪامريڊ رمضان خاصخيلي جهڙا ڪردار سماج لاءِ مثبت سوچ ڏيندڙ رت جا اڃا جڙا آهن، حڪمران هارين کي بدحالي ۾ جاڙهي ڇڏيو آهي: ڪامريڊ بخشل ٿلهو

سنڌ جو هاري ناري ۽ پورهيت طبقو بدحالي طبقو آهي، جيستائين اهو طبقو ترقي جي راهه تي نه ايندو تيستائين سنڌ به ترقي نه ڪري سگھندو: تاج مري، اقبال ملاح ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي/ اعجاز لغاري) حيدرآباد ۾ هاري هلچل تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ محمد رمضان خاصخيلي جي چوٿين ورسي تي "سنڌ پاڻي ڪانفرنس" سنڌ جي گھڻ گھڻن سنڌو درياءَ تي ڪنهن به ڊيم يا ڪئنال کي قبضي برابر سمجهندي ناقابل قبول قرار ڏئي ڇڏيو پاڻي ماهرن جي راءِ موجب ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ گھٽ ۾ گھٽ ساليانو 30 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي رهڪرا

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: حيسڪو چيف پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون ڏئي رهيو آهي

خيرپور پوليس پاران چار جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (ذ ر) ٻوڏدار وڏا پيرڳوٺ ڪينواري پوليس ڪارروائي ڪري 4 منشيات فروشن سليم سينو پير بخش عرف پيرل ڳوپانگ محمد يوسف جکراڻي شاهد عرف شاهو ٽالپر کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان ساڍا 4ڪلو چرس ڏيڍ ڪلو پنگ هٿ ڪري مقدما جوا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي

موچڪو ۾ ايس آءِ يو جو مقابلو خطرناڪ ڀتهه خور شوٽر مارجي ويو

مارجي ويل ذيشان بدنام زمانه جميل چانگا گروهه جو سرگرم شوٽر هو

ڌاڙيلن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون ۽ قانون جو راڄ برقرار رکيو ويندو:پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موچڪو ۾ ايس آءِ يو پوليس مقابلي خطرناڪ ڀتهه خور شوٽر مارجي ويو موچڪو واري علائقي ۾ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) ۽ پوليس وچ ۾ ٿيل مقابلي دوران هڪ ڌاڙيل مارجي ويو جنهن جي سڃاڻپ ذيشان طور ٿي آهي پوليس موجب مارجي ويل ذيشان بدنام زمانه جلال چانگا ڀتهه خور گروهه جو سرگرم شوٽر ۽ هڪ گينگ وار جو سرغنو هو ذيشان مختلف علائقن ۾ ڀتهه خوري دوران فائرنگ جي ڪيترن ئي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس پاران جوابدار کي چوري ٿيل ڪار سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي پوليس طرفان الهه آباد ٿاڻي جي حد ۾ ڪارروائي ڪندي مبينا طور چوري ٿيل ڪار هٿ ڪري چور کي سوگھو ڪرڻ جي دعويٰ ان ڏس ۾ لاڙڪاڻو پوليس جي ضلعي ترجمان پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌرو ڪيو آهي ته ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري جي هدايتن تي ڊي ايس پي حيدري

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪراچي فيروزآباد ۾ گھريلو ملازمائن جو منظم چور گروهه گرفتار

گروهه 9 سالن کان معروف صنعتڪار جي گھر مان چوريون ڪندو رهيو: پوليس

گرفتار ملازمائن جي قبضي مان لکين رپيا ۽ قيمتي شيون هٿ ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فيروزآباد پوليس جي خفيه اطلاع تي وڏي ڪارروائي گھريلو ملازمائن جو منظم چور گروهه گرفتار ڪراچي جي فيروزآباد پوليس خفيه اطلاع جي بنياد تي وڏي ڪارروائي ڪندي گھريلو ملازمائن تي ٻڌل منظم چور گروهه کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايس پي ايسٽ زبير نذير شيخ موجب، پوليس معروف صنعتڪار جي گھر مان چوري ڪندڙ پنج ملازمائن کي گرفتار ڪيو جيڪي گذريل 9 سالن کان ساڳئي گھر ۾ ڪم ڪري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هڪ نوجوان ٻهارا وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

50هزار نوجوان مفت ۾ جديد آئي ٽي ڪورسز حاصل ڪري رهيا آهن: گورنر سنڌ

ڪيترائي نوجوان آئي ٽي ڪورس جي مدد سان هر مهيني هزارين ڊالر ڪمائي رهيا آهن

هاڻي وفاقي اردو يونيورسٽي جي شاگردن کي 10 لک رپين جا ڪورس پڻ مفت فراهم ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري وفاقي اردو يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ مفت جديد آئي ٽي ڪورسز لاءِ خاص ڪوٽا مختص ڪرڻ جو اعلان ڪيو هن چيو ته الله تعاليٰ جي فضل سان اڄ 50 هزار نوجوان مفت ۾ جديد آئي ٽي ڪورسز حاصل ڪري رهيا آهن ۽ انهن مان ڪيترائي هر مهيني هزارين ڊالر ڪمائي رهيا آهن وفاقي اردو يونيورسٽي ڪانووڪيشن کي خطاب ڪندي گورنر سنڌ اعلان ڪيو ته هاڻي وفاقي اردو يونيورسٽي جي شاگردن کي 8 کان 10 لک رپين جا آئي ٽي ڪورس پڻ مفت فراهم ڪيا ويندا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام لڳ ڪوهيڙي سبب پڪ اپ سان حادثو، 3 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ٽنڊوڄام (ت ر) شديد ڪوهيڙي سبب ٽنڊوڄام کان حيدرآباد مسافر کڻي ويندڙ پڪ اپ گاڏي ٽنڊوڄام ويجهو حيدرآباد ميرپورخاص روڊ جي حفاظتي ديوار سان ٽڪرائجي وئي جنهن بعد گاڏي کي باهه وڪوڙي وئي گاڏي کي باهه لڳڻ سبب ڊرائيور لقمان سومرو ۽ ٻه مسافر سڙي زخمي ٿي پيا، رابطو ڪرڻ تي زخمي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ملتان: ريلوي لائين ويجھو غريبن جون جهڳيون نظر اچي رهيون آهن

نصيرآباد: سائين جي ايم سيد جي سالگره جي سلسلي ۾ مشعل بردار ريلي ڪڍي پئي وڃي

شڪارپور ۾ اٽو چڪي ايسوسيئيشن پاران ڊي ايف سي جي ناانصافين خلاف مظاهرو

مظاهرين سرفراز خان، مسعود ميمڻ، نعمت الله شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊي ايف سي في بوري تي 1500 رپيا رشوت گھري رهيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

شڪارپور(ذ ر) شڪارپور ۾ اٽو چڪي ايسوسيئيشن جي چيئرمين، صدر جنرل سيڪريٽري سميت ميمبرن ڊي ايف سي شڪارپور جي ناانصافين خلاف احتجاج ڪيو.تفصيل موجب شڪارپور ۾ اٽو چڪي ايسوسيئيشن شڪارپور جي چيئرمين آغا سرفراز خان صدر مسعود احمد ميمڻ جنرل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ڪٽڪ فوڊ سينٽر تي هزارين بورين خراب ٿيڻ جو ڊي سي نوٽيس ورتو

ڊي سي جي هدايتن تي اي سي سوڀوديرو فوڊ سينٽر تي پهچي جائزو ورتو

فوڊ انسپيڪٽر موجود ناهي ڪٽڪ بابت رپورٽ ڊي سي حوالي ڪئي ويندي: اي سي

هنگورجا (ن ع) هنگورجا ۾ قائم خوراڪ کاتي جي ڪٽڪ خريداري واري سينٽر تي 5 هزار کان وڌيڪ ڪٽڪ جون بوريون عملي لاپرواهي سبب خراب ٿيڻ جون خبرون اخبارن ۾ شايع ٿيڻ جو ڊي سي خيرپور نوٽيس ورتو آهي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي: غلام مرتضيٰ جتوئي

2025دوران شهر ۾ ڪيترائي اهم ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن

گذريل سال ڪائونسلر کي پنهنجي وارڊ ۾ ترقياتي ڪمن لاءِ 50 لک رپيه جاري ڪيا ويا هئا

ٽنڊوآدم (ن ع) تعلقه چيئرمين ٽنڊوآدم غلام مرتضيٰ جتوئي چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت عوامي خدمت تي يقين رکي ٿي ۽ شهرين کي بهتر ۽ معياري بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهي، چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي واضح هدايتن تحت ميونسپل انتظاميه ٽنڊوآدم شهر جي مجموعي ترقي،

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سکر: سنڌ انفارميشن ڪميشن جا ميمبر محمد سليم خان ۽ نور محمد دايو سروسز اسپتال جو دورو ڪري رهيا آهن

امتياز احمد شيخ جي ڊي سي شڪارپور سان ملاقات، شهر اهم مسئلن تي ڳالهه ٻولهه

ملاقات دوران شهر جي ترقياتي ڪمن بابت تجويزن ۽ امڪاني قدمن تي غور ڪيو ويو

شهر جي بنيادي ڍانچي ۽ سماجي سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي: امتياز شيخ

شڪارپور(ذ ر) اڳوڻي صوبائي وزير ۽ ميمبر سنڌ اسيمبلي امتياز احمد شيخ شڪارپور جي اهم مسئلن تي ڊي سي شڪارپور شڪيل احمد ابڙو سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران شهر جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي سان لاڳاپيل معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون جنهن ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪپرو لڳ ايل پي جي جي ٽانڪي ڦاٽي پئي، 6 ڄڻا زخمي

واهه موڙ تي ٽانڪي مرمت دوران ڦاٽڻ سبب پورهيت سڙي زخمي ٿي پيا

زخمي جعفر ڪوري چند، رامچند، حامد، اڪبر ۽ سودو کي اسپتال آندو ويو

ڪپرو (ن ع) ڪپرو واهه موڙ تي ايل پي جي جي ٽانڪي جي مرمت دوران اوچتو ٽانڪي ڦاٽي پئي جنهن سبب باهه وڪوڙي وئي نتيجي ۾ 6ڄڻا سڙي زخمي ٿي پيازخمين ۾ محمد جعفر ڪوري چند اوڊ، رامچند ڀيل،حامد علي علي اڪبر راڄڙ سودو چانڊيون شامل .تفصيل موجب ڪپرو موڙ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ويجهو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل چاچي ۽ ڀائيٽي جو ڪيس داخل

فوتين جي وارثن ٻوڙڙي ٿاڻي تي سيپڪو جي ٽن عملدارن مٿان ڪيس داخل ڪرايو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ويجھو ڳوٺ ٻوڙڙي ۾ 11 هزار بجلي جي تارن ۾ وڄ ڇڙڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل چاچي ۽ ڀائيٽي جو وارثن ڪيس ٻوڙڙي ٿاڻي تي 3 سيپڪو عملدارن مٿان داخل ڪرائي ڇڏيو آهي جنهن ۾ سيپڪو ايس ڊي او خيرپورناٿن شاهه فهيم اسلم شيخ ، خانپور

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شڪارپور پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن جي حلف وفاداري تقريب

ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو نون چونڊيل عهديدارن کي حلف کڻايو

صحافي حق ۽ سچ جي آواز کي عام ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو: ڊي سي

شڪارپور (ذ ر) شڪارپور پريس ڪلب جي سال 2026 ع لاءِ چونڊيل عهديدارن جي حلف وفاداري تقريب شاندار نموني سان شڪارپور پريس ڪلب ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ صحافين شهر جي معزز شخصيتن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو شڪارپور پريس ڪلب جي نون

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم : جسقم پارٽي سائين جي ايم سيد جي سالگره جي سلسلي ۾ مشعل بردار ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادو ۾ نادر جمالي جي مبينا پوليس مقابلي ڪيس ۾ عدالتي جاچ جو ليٽر جاري

گھرو کاتي پاران ايس ايس پي دادو جي سفارش تي عدالتي جاچ ڪرائڻ بابت ليٽر جاري ڪيو

عدالتي جاچ جو مقصد اصل حقيقتون معلوم ڪرڻ ۽ انصاف کي يقيني بڻائڻ آهي:گھرو کاتو

دادو(ذ ر) نادر جمالي جي مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي وڃڻ واري معاملي تي عدالتي جاچ جو ليٽر جاري، ليٽر ۾ ضلعي سيشن جج جامشورو کان جاچ ڪرائڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي، دادو ۾ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان نادر جمالي واري معاملي تي آخرڪار اهم اڳڀرائي سامهون اچي وئي آهي، حڪومت سنڌ جي گھرو کاتي ايس ايس پي دادو جي سفارش تي عدالتي جاچ ڪرائڻ بابت باقاعده ليٽر جاري ڪيو ويو آهي گھرو کاتي جي ليٽر ۾ چيو ويو آهي ته هن عدالتي جاچ جو مقصد واقعي جون اصل

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊن جي حوالي سان اهم اجلاس

اجلاس ۾ سيڪريٽري جنرل احمد سولنگي، جوائنٽ سيڪريٽري ٻارو مل امراڻي ۽ ٻيا اميدوار نامزد

سنڌي ادبي سنگت کي هن وقت تنظيمي طور تي ترتيب ، تعمير ۽ نئين جوڙجڪ جي سخت ضرورت آهي:اڳواڻ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي چونڊن جي حوالي سان مختلف عهدن تي بيٺل اميدوارن ۽ اڳواڻن جو اهم اجلاس حيدرآباد ۾ ٿيو جنهن ۾ محمد خان ابڙو، تاج جويو، ڊاڪٽر مشتاق ڦل احمد سولنگي يوسف سنڌي اجلاس جي گڏيل صدارت ڪئي اجلاس ۾ آزاد انور ڪانڊڙو پريل دايو ستار سندن بخشل باغي، رامچند اوڊ، خالد راڄپر رمضان ميمڻ ڪاشف سولنگي مختيار جمالي، شبير سيال خاڪي جاني، عزيز قاسماڻي، اعظم پٽي ڊاڪٽر ملهار سنڌي، ستار هليو محبوب سنڌي، آغا ظفر نبي بخش ناز ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: حضرت امام موسي ڪاظم عليه السلام جي شهادت جي مناسبت سان باهه جو ماتم

بدين ۾ عوامي تحريڪ اڳواڻ ايسرداس ڪولهي جي پهرين ورسي تي ڀيٽا پيش

ايسرداس ڪولهي پورهيت انقلابي فڪر، نظريي ۽ واٽ جو سچو ۽ وفادار سپاهي هو:اڳواڻ

زندگي جي آخري گھڙين ڏائين پارٽي سان لاڳاپيل ۽ سنڌ دشمن جدوجهد ۾ سرگرم رهيو

بدين (ذ ر) عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايسرداس ڪولهي کي پهرين ورسي جي موقعي تي ڀيٽا پيش، ڪڏهرو کان ريلي ڪڍي آخري آرامگاهه تي گلن جي ورڪا ڪري، جلسي عام ڪيو ويو جنهن ۾ عوامي تحريڪ، سنڌي هاري تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن سميت پسگردائي جي عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي عوامي تحريڪ جي هن بهادر ڪاهوڙي اڳواڻ جي ورسي جي جلسي عام کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ستار رند، لال جروار،مهراڻ درس،جاڪرو نوحاڻي،زرقا

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان ملاقات

شهر ۾ امن و امان جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

پوليس جي مؤثر حڪمت عملي سان امن و امان صورتحال بهتري پئي ٿي:سلمان عبدالله مراد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان ملاقات ڪئي جنهن دوران شهر ۾ امن و امان جي مجموعي صورتحال تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد آءِ جي سنڌ جو عهدو سنڀالڻ تي جاويد عالم اوڍو کي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. هن ڏوهي عنصرن خلاف سنڌ پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي چيو ته پوليس جي مؤثر حڪمت عملي سبب شهر ۾ امن و امان جي صورتحال ۾ بهتري اچي رهي آهي. ان

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي ٿاڻي جو لاڪ اپ ٽوڙي قتل الزام ۾ گرفتار جوابدار فرار، پوليس ۾ ٽرٿلو

پوليس جوابدار راجا ٻرڙو کي ڌيءَ ۽ ذال جي قتل الزام گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪيو هو

جوابدار هٿڪڙين سميت فرار ٿي ويو ته اهلڪارن ۾ ٽرٿلو مچي ويو، سڄي علائقي جي ناڪا بندي باوجود هٿ نه آيو

خيرپور(ذ ر)ڪوٽڏيجي ٿاڻي جو لاڪپ به محفوظ نه رهيو ، معصوم ڌيءَ ۽ نوجوان ذال کي مبينه طور قتل ڪندڙ جوابدار راجا ٻرڙو ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي لاڪپ مان هٿڪڙين سميت فرار ٿي ويو پوليس ۾ ٽرٿلو مچي ويو گرفتار جوابدار راجا ٻرڙو کي پوليس پنهنجي ذال ۽ ڌيءَ جي قتل ۾ گرفتار ڪيو هو جيڪو هٿ ڪڙين سميت ڪوٽڏيجي جي لاڪپ مان فرار ٿي ويو آهي پوليس راجا ٻرڙي جي گرفتاري لاءِ سڄي علائقي جي ناڪا بندي ڪري ڇڏي آهي پوليس موجب راجا ٻرڙي کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

جيڪب آباد: پوليس حملن ۾ زخمي ٿيل ڌاڙيل ٿاڻي تي پيل آهن

ڪراچي پاڪ رينجرز جي ڪارروائي، مختلف ڪيسن ۾ گھربل 4 جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي ايف سي ايريا، لياقت آباد مان ٽرليٽ، اسٽريٽ ڪرائيم ۽ منشيات فروشي ۾ ملوث 4 خطرناڪ جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. گرفتار جوابدارن ۾ انس عرف شاني ولد آصف، سيد ظاهر حسين عرف ضياءِ ولد سيد زوار حسين، محمد جاويد عرف چيتا ولد بشير احمد ۽ دانيال عرف ڪلر والا ولد صابر حسين شامل آهن. رينجرز موجب جوابدارن جي قبضي مان وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ 1 عدد 30 بور پسٽل (بغير لائسنس) ايمونيشن سميت، 1 عدد دسي پسٽل، 7 عدد موبائيل فون هڪ موٽر

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ نوجوان ڳڙ وڪرو ڪندي

حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ۽ لمس جي گڏيل سهڪار سان هڪ ڏينهن وارو ٽريننگ ورڪشاپ

ورڪشاپ ۾ وڪيلن ۽ قانوني ماهرن مختلف ميڊيڪل فورينسڪ سائنس سميت مختلف موضوعن تي تفصيلي ليڪچرز ڏنا

وڪيلن لاءِ ضروري آهي ته هو ميڊيڪو ليگل فورينسڪ معاملن جي بنيادي ڄاڻ حاصل ڪن: مقرر

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ۽ لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز جامشورو جي گڏيل سهڪار سان فنڊاميٽل آف فارينزڪ سائنس ۽ ڊي اين اي ٽيسٽنگ جي عنوان هيٺ هڪ ڏينهن وارو ٽريننگ ورڪشاپ لياقت يونيورسٽي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٿل ۾ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن، ٻرون حملا ڌاڙيلن جا ٺڪاڻا ڊاهي پٽ، 4 ڄڻا زخمي

پوليس بنگلاڻي گينگ خلاف ڪارروايون ڪندي ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن جي ڊاهي پٽ ڪري ڇاڪن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو

ٻرون حملن ۾ بدنام ڌاڙيل شوڪت عرف جهرو بنگلاڻي، واشن مجيد ۽ نيڪو زخمي ٿيا آهن:پوليس

جيڪب آباد (ذ ر) ايس ايس پي جيڪب آباد محمد ڪليم ملڪ جي اڳواڻي ۾ تعلقي ٿل ۾ پوليس جو ڌاڙيلن خلاف آپريشن دوران حملا ڌاڙيلن جا ٺڪاڻا ڊاهي پٽ، بدنام ڌاڙيل جهرو بنگلاڻي سميت 4 ڄڻا زخمي، ڪارروائي جاري خبر موجب: ايس ايس پي جيڪب

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٻانڊي پرسان ٽرين جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت

ڪراچي کان لاهور ويندڙ مسافر ٽرين جي ٽڪر ۾ محمد عثمان جمالي فوت ٿي ويو

حادثي بعد پوليس پهچي لاش ڪٿائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٻانڊي (ن ع) ٻانڊي لڳ درمحمد جمالي اوين ڦاٽڪ ڪراسنگ وٽ افسوسناڪ حادثو پيش آيو جتي ڪراچي کان لاهور ويندڙ مسافر ٽرين جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان محمد عثمان جمالي فوت ٿي ويو، تفصيل موجب فوتي محمد عثمان جمالي ڳوٺ عبدالرزاق جمالي جو رهواسي هو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي اينٽي ڪرپشن پاران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس تي ڇاپو، رڪارڊ تحويل ۾ ورتو

مختلف پينشنرز جي شڪايتن تي آفيس تي ڇاپو هڻي رڪارڊ پنهنجي تحويل ۾ ورتو آهي: ڊپٽي ڊائريڪٽر

رڪارڊ جي مڪمل جاچ ڪئي ويندي، جيڪڏهن ان ۾ گھوٻيون جي تصديق ٿي ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر پاران پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته مختلف پينشنرز جي شڪايتن ملڻ تي اڄ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس لاڙڪاڻي جي آفيس تي ڇاپو هڻي پينشنرز جو رڪارڊ پنهنجي تحويل ۾ ورتو آهي هن وڌيڪ ٻڌايو آهي ته اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ جي ٽيم ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ پينشنرز جو رڪارڊ چيڪ ڪرڻ بعد رڪارڊ تحويل ۾ ورتي جاچ شروع ڪئي وئي آهي ان ڏس ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٺٽو جيل ۾ فوت ٿيل قيدي علي بخش ملاح ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي

حتمي پوسٽ مارٽم رپورٽ پيش نه ٿيڻ سبب ٻڌڻي 24 جنوري تائين ملتوي ڪئي وئي

ٺٽو(ذ ر) سيشن جج ٺٽو جي عدالت ۾ ڊسٽرڪٽ جيل ٺٽو ۾ فوت ٿيل قيدي علي بخش ملاح ڪيس جي ٻڌڻي، حتمي پوسٽ مارٽم پيش نه ٿيڻ سبب شنوائي ملتوي، تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ سيشن جج ٺٽو جي عدالت ۾ 2 هفتا اڳ ٺٽو جيل ۾ پراسرار نموني فوت ٿيل قيدي علي بخش ملاح جو قتل ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ٻڌڻي ٿي عدالت ۾ فوتي قيدي علي بخش ملاح جو قتل ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏيندڙ فوتي قيدي جي بيواهه حُسنا ملاح پنهنجي ٻارڙن ۽ فوتي قيدي علي بخش ملاح جي اميءَ جنت ملاح سان گڏ پيش ٿي جڏهن ته عدالت ٻاهران ڪوميسرپسٽ اڳواڻ نواز شاهه پاڏائي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا عدالت ۾

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو جان محمد ۾ پرسنا ڪاٽن فيڪٽري تي پوليس ڪارروائي، هڪ چڙهو گرفتار

ٽنڊو جان محمد (ن ع) ٽنڊي جان محمد لڳ پرسنا ڪاٽن فيڪٽري وٽ مقامي پوليس جي ڪارروائي ڪسٽرو ولد پيريهو ڪولهي واسي ڳوٺ عبدالله بجير 199 تعلقو ڏگھڙي پوليس اسٽيشن اولڊ ميرپون جنهن تي ڪيس نمبر 47/2025 دفعا 365A 120B پي پي سي 6/7 R/W ATAداخل هو ۽ پوليس اسٽيشن ٽنڊوجان محمد ۾ ڪيس نمبر 116/2025 دفعا

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف جي ضلعي باڊي چونڊجي

نبيب الله ڪوريجو ضلعي صدر، جام فيروز اڙ نائب صدر، ستار ڪوريجو جنرل سيڪريٽري مقرر

بدين (ذ ر) ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف، ضلع بدين جي تنظيمي سال 2026 ع لاءِ نئين باڊي جو انتخاب ڪيو ويو جنهن جي نگراني مرڪزي صدر نشات حبيب الله جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ سال 2026 ع لاءِ ضلع بدين جي نئين باڊي لاءِ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا نبيب الله ڪوريجو کي ضلعي صدر جام فيروز اڙ کي نائب صدر ستار بخش

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد پريس ڪلب ۾ سنڌ ۾ سماجي تنظيمن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ عوامي ڀلائي لاءِ ٻي ڊي سي جي 35 هين سالگره تقريب

سنڌ جو نوجوان بي راهه رويءَ جو شڪار ٿي ويو آهي، نوجوانن کي مايوسين مان ڪڍڻ جي لاءِ ساڃاهه وندن کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو:مقرر

اسان جي تنظيم گريجوئيٽ ماڻهن کي ڳالهه ڏسي خوشي ٿي آهي، جن سماجي ڀلائيءَ لاءِ ڪردار ادا ڪيو آهي، تن کي مڃتا ملڻ گھرجي

تقريب ۾ محمد تحسين ۽ سليمان جي ابڙو سميت سماجي ڪارڪنن کي مڃتا، آر ڊي پي ٽريننگ گريجوئيٽ کي ايوارڊس پيش ڪيا ويا

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سماجي اڳواڻن ۽ ساڃاهه وندن چيو آهي ته عوام جي لاءِ بنيادي انساني ضرورتون پوريون ڪري ڏيڻ پوٽين پيل علائقن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ حڪومتن جو ڌيان ڇڪائڻ توڙي مظلوم طبقن جي تحفظ جي لاءِ سنڌ جي سماجي تنظيمن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو تعليم، صحت جي شعبي جي بهتري ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ وسيلن کي درست استعمال ڪرڻ لاءِ سماجي ڪارڪن حڪومتن ۽ انهن جي ادارن جي ڪارڪردگي تي نظر رکن اهڙو اظهار هنن

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

بدين: عوامي تحريڪ پاران ڪامريڊ ايسرداس جي ورسي تقريب جو فوٽو

شهدادپور ويجهو معمولي ڳالهه تان خاصخيلي برادري ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ويجهو ڳوٺ محمد يعقوب خاصخيلي جتيا ٿاڻي جي حد ۾ ٻاڙ ۾ ٻلڙن جو معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي جي نتيجي ۾ رستم خاصخيلي کي پاسي ۾ گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي سٽس اسپتال شهدادپور آندو ويو جتي طبي امداد ڏئي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو وارثن ٻڌايو ته

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

الڳ وزير نه هئڻ سبب سنڌ جا ڪاليج زبون حالي جو شڪار آهن: سپلا سکر

سنڌ حڪومت ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان درسي ڪتابن جي عدم فراهمي انتهائي افسوسناڪ آهي

لاڙڪاڻو(رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن سپلا سکر ريجن جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر ملهار سنڌي، ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر پروفيسر شهاب الدين مگڻ نائب صدر پروفيسر نذير احمد سومرو عورت نائب صدر پروفيسر شگفتا اعجاز جنرل سيڪريٽري پروفيسر ڊاڪٽر آزاد علي ڪليار جوائنٽ سيڪريٽري پروفيسر

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ سانگي واسي جو پاڙ جي ناجائزين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل سانگي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪوٽو واسي نعمر الله چاچڙ پنهنجي پاڙ عطاء الله چاچڙ خلاف سخت احتجاج ڪندي الزام هنيو ته سندس پاڙ کاتي واري زمين تي ناجائز قبضو ڪرايو آهي جڏهن ته ڳوٺ جي گڏيل زمين به وڪرو ڪري ڇڏي آهي متاثر نعمر الله چاچڙ چيو ته هن معاملي بابت ڊي آءِ جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ لڳ ٽرڪ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت

سائيٽ واري علائقي ۾ حادثي سبب جڳديش پٽ مڪيش ڪمار زخمي ٿي پيو

نوجوان کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) تيز رفتار ٽرڪ موٽر سائيڪل کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ نوجوان سخت زخمي ٿي سوقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٽرڪ ڊرائيور حادثي بعد موقعي تان فرار ٿي ويو واقعي بعد فوتي جو لاش ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪيو ويو جتي ضروري

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

NOTICE FOR
CONSULTANCY SERVICES

OGDC requires the Consultancy Services of following medical staff at its Medical Centre F-8 Markaz, Islamabad:

CATEGORY	REQUISITE QUALIFICATION AND EXPERIENCE	CONSULTANCY FEE	MAX AMOUNT (PER MONTH)	MAX AGE LIMIT
VISITING MEDICAL OFFICER (FEMALE)	03 YEAR EXPERIENCE IN ANY TERTIARY CARE SET-UP AFTER 01 YEAR HOUSE JOB.	RS.6480/= PER VISIT PER DAY (08 HOURS)	RS.155,520/=	35 YEARS

Note:
i. Maximum visits allowed will only be 06 days per week.
ii. The acquisition of consultancy services will be for a period of one year.
iii. Revocation of consultancy services from either party must be on a notice of atleast 02 months.
iv. Consultancy rates quoted above shall be exclusive of all applicable taxes.
v. The candidates will present/produce all credentials (in original) at the time of interview.
vi. Application/profile alongwith attested photocopies of all testimonials, CNIC and experience certificates etc. must reach on the following address within **15 days** from the advertisement.
vii. No TA/DA will be admissible

Manager
(Medical Services)
OGDC Medical Centre, F-8 Markaz
Opposite O.P.F College, Islamabad

ogdcl.com
No. 397/05

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.